روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 06 اپريل 2023ع بمطابق 15 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 رپيا) شمارو 313

ٽنا ميجون ته مُلڪ ۾ ڪو انصاف جو ادارو آهي: بلاول

اداري ۾ ڪجھ ماڻهو ضد تي لهي آيا آهن، سياست ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن سياست ڪرڻي آهي تياري ڪن، اسان اوهان جو سياسي ميدان ۾ مقابلو ڪنداسين

اسان انهن ڪٺ پتلين کي جواب ڏينداسين، تخت لاهور ۾ ويهي انهن غيرجمهوري قوتن کي جواب ڏينداسين

انهن ٽي عدالتن سبب قائد عوام ڦاهي تي چڙهي ويو، ڪين ڪو شرم نه آيو، اڄ تائين ڪنهن جج شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ڪيس ناهي ٻڌو

ججن مشرف سان ڳٺ جوڙ ڪري يارنهن سال آمريت جي اجازت ڏني، جڏهن بينظير شهيد ٿي ته ججن کي غيرت نه آئي ته ساڻس انصاف ڪيو وڃي

عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ تيار آهي، مان نه پنهنجي ناني ۽ نه ئي شهيد امڙ کي انصاف ڏياري سگهيس

عمران خان ۽ اڳوڻي اسٽيبلشمينٽ ميجي ٿي ته هنن آئين تي ڏاڙو هنيو: پ پ چيئرمين جو خيرپور ۾ هڪ تقريب کي خطاب

گمبٽ/خيرپور (رپورٽر) (05 اپريل 2023) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري گمبٽ ۾ پاڪستان جي پهرين ڦڦڙن جي ٽرانسپلانٽ يونٽ ۽ ملڪ جي پهرين هيلٿ سٽي اينڊ ميڊيسن يونٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي. پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس گمبٽ ۾ ٿيڻ منصوبن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

خيرپور: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڦڦڙن جي ٽرانسپلانٽ يونٽ جو افتتاح ڪندي

اڳوڻو صدر آصف علي زرداري دبئي مان وطن واپس پهچي ويو

ڪراچي (م د) اڳوڻو صدر آصف علي زرداري دبئي مان وطن واپس پهچي ويو. ذريعن موجب آصف زرداري خاص جهاز ذريعي ڪراچي ايئرپورٽ پهتو. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻو صدر هڪ مهينو دبئي ۾ رهيو. واضح رهي ته گذريل ڪجھ ڏينهن ۾ خبر سامهون آئي هئي ته اڳوڻي صدر جي دبئي ۾ سرجري ٿي آهي. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان ۽ سندس سهولتڪارن ٽئين چيف جسٽس جي اچڻ تائين ڪمن جي لسٽ ٺاهي رکي آهي: مريم نواز

منهنجي ۽ منهنجي پارٽي تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا. پاڪستان جي 78 سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن وزيراعظم پنهنجو آئيني مدو پورو ناهي ڪيو

ڪنهن به عدالت ڪڏهن به ڪنهن ڊڪٽيٽر جي سامهون بيهڻ جي همت ناهي ڪئي پر انهن جو ساٿ ڏنو. عمران خان کي هڻ ڪلاڪن اندر ضمانت ملي ويندي آهي

3_4 چار جج عمران خان سان گڏ جڏهن ته ٻيا عوام سان گڏ آهن. ڪڏهن ڪنهن ڊڪٽيٽر کي سيسلين مافيا جو لقب ناهي ڏنو ويو. ڪنهن آمر کي نااهل ناهي ڪيو ويو

جڏهن به نااهل ڪيو ويو ته صرف چونڊيل وزيراعظم کي ڪيو ويو. 3_4 جج عمران خان جا جڏهن ته ٻيا ججز عوام سان گڏ بيٺل آهن

ڊڄڻو انسان پاڻ کي اڳواڻ چوي ٿو. جڏهن هو گهر مان نڪرندو آهي ته پنهنجي منهن کي ڪاري ڊٻي سان ڍڪي پوءِ نڪرندو آهي

پي ٽي آءِ وارا به ججز جي توهين ڪندا رهيا آهن. ٽولن جي صورت ۾ عدالت ويندا آهن: راولپنڊي ۾ وڪيل ڪنوينشن کي خطاب

راولپنڊي (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته عمران خان ۽ سندس هولتڪارن ٽئين چيف جسٽس جي اچڻ تائين ڪمن جي لسٽ ٺاهي رکي آهي. مريم نواز راولپنڊي ۾ وڪيل ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته منهنجي ۽ منهنجي پارٽي تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا. پاڪستان جي 78 سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪنهن وزيراعظم پنهنجو آئيني مدو پورو ناهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: ن ليگ جي سينئر نائب صدر مريم نواز وڪيلن جي ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهي آهي

تڪراري چونڊون ملڪ جي تباهي جو سبب بڻجنديون: راڻا ثناءالله

چونڊون تڪراري طريقي سان ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، چونڊون ڪرائڻ کان ڊڄون ٿا

جيڪڏهن ٽيون پيرو چونڊون تڪراري ٿيون ته ان سان ملڪ ۾ تباهي ايندي. اسان اهڙي تباهي جي خلاف آهيون

هڪ ماڻهو پنهنجي انا ۽ ضد تي قائم آهي. ڪڏهن هو لانگ مارچ ۽ ڪڏهن عوام ذريعي چونڊون چاهي ٿو

جن چونڊن تي سياسي پارٽين، اليڪشن ڪميشن ۽ ٻين ادارن جو به اتفاق ناهي ته اهڙيون چونڊون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون

راولپنڊي (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته تڪراري چونڊون ملڪ جي تباهي جو سبب بڻجنديون اسان اهڙين چونڊن جي سخت خلاف آهيون. راڻا ثناءالله راولپنڊي ۾ وڪيل ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته چونڊون تڪراري طريقي سان ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. چونڊون ڪرائڻ کان ڊڄون ٿا پر هن چونڊن لاءِ سياسي پارٽين ۽ ججز ۾ به اتفاق نه آهي. هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راولپنڊي: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

زمان پارڪ ۾ پوليس تي حملي جي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي کي ڪم کان روڪڻ جي استدعا رد

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ زمان پارڪ ۾ پوليس تي پٿراءُ ۽ پيٽرول بم اڇلائڻ جي الزام جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ خلاف درخواست ۾ جي آءِ ٽي کي ڪم کان فوري طور تي روڪڻ جي استدعا کي رد ڪري ڇڏيو. جسٽس طارق سليم شيخ ۽ جسٽس فاروق حيدر پي ٽي آءِ اڳواڻ مسرت جمشيد چيمه جي درخواست تي ٻڌائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سُپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل شروع، پنجاب ۾ چونڊن جو شيڊول جاري

پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ٿينديون. ڪاغذن جي نامزدگي ۾ اپيلون داخل ڪرڻ جي آخري تاريخ ڏهه اپريل هوندي

اپيليٽ ٽربيونل اپيلن تي فيصلا 17 اپريل تائين ڪندو ۽ اميدوارن جي نظرثاني ٿيل فهرست 18 اپريل تي جاري ٿيندي

ڪاغذن جي نامزدگي واپس واپس وٺڻ جي آخري تاريخ 19 هين اپريل هوندي ۽ اميدوارن کي چونڊ نشان ويهه اپريل تي جاري ڪيا ويندا

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي حڪم بعد اليڪشن ڪميشن پنجاب اسيمبلي جي چونڊن لاءِ شيڊول جاري ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن طرفان سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ پنجاب جي چونڊن لاءِ شيڊول جاري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسان ڪڏهن ناهي چيو ته اسٽيبلشمينٽ پنهنجو رستو ٺي پر سول ملٽري تعلق ۾ توازن هجڻ گهرجي: عمران خان

چونڊيل حڪومت وٽ جيڪڏهن اختيار ناهي ۽ اهي اختيار ڪنهن ٻئي وٽ آهن ته ڪو به انتظامي نظام ڪم نٿو ڪري سگهي

سياسي پارٽي وچ جو رستو ڳوليندي آهي پر اليڪشن جي ذريعي سياسي استحڪام بنا معيست سنڀالجي نٿي سگهي

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته ڪو به انتظامي نظام ان وقت ڪم نٿو ڪري سگهي جڏهن ڏسواري چونڊيل حڪومت جي هجي پر اختيار ڪنهن ٻئي هنڌ هجن. ڊبليو اردو کي ڏنل انٽرويو ۾ عمران خان چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي وزير سچل سرمست جي ساليانې عرس تقريبن جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ جو بنياد رکندڙ کي به انصاف نه ملي سگهيو: مراد علي شاهه

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، سچل سرمست وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو، هن انسانيت جي خدمت جو پرچار ڪيو

رمضان المبارڪ ۾ سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏنو آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت في خاندان کي 2000 رپيا ڏئي رهيا آهيون

رانيپور (رپورٽر) حضرت سچل سرمست جو 202 عرس مبارڪ شروع وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه درازا شريف پهچي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جي سرڪاري تقريبن جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو سپريم ڪورٽ جي ڏنل فيصلي مان جججزٽي مطمئن ناهن ته پو عوام ڪيئن مطمئن ٿيندو. هن چيو ته سپريم ڪورٽ جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو رکيو ان کي ئي انصاف نه مليو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

رانيپور: وڏو وزير مراد علي شاهه سچل سرمست جي درگاهه تي افتتاح بعد دعا گهرندي، ٻئي پاسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عمران خان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ ڪالعدم قرار

عمران خان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ ڪالعدم قرار ڏنا وڃن ٿا: فيصلي جو متن

ٽرائل ڪورٽ عمران خان جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري

اسلام آباد (م د) سيشن ڪورٽ اسلام آباد عورت جج ڌمڪي ڪيس جو لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. ايڊيشنل سيشن جج سڪندر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس ۾ لڳايل الزامن جو عمران خان سان تعلق نه آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

بينڪ اختيارين بابت اختيار اسٽيٽ بينڪ جو آهي، جنهن ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي

اسٽيٽ بينڪ طرفان ڪا به جاچ نه ڪئي وئي، نه ئي تحريڪ انصاف جي ڪنهن ٽرانزيڪشن کي غيرقانوني چيو ويو

هڪ الزام پي ٽي آءِ اڪائونٽ کي نئون پاڪستان اڪائونٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو آهي جيڪو ڪو به ڏوهه نه آهي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس ۾ عمران خان جي ضمانت ملتوي ڪرڻ واري درخواست رد ڪرڻ جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو پرڏيهي ايڪسچينج ايڪٽ تحت داخل ڪيس جي شاهدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شهباز شريف سوچي وٺي، عدالتي فيصلو قبول ڪرڻو آهي يا نااهل ٿي رائيونڊ وڃڻو آهي: شيخ رشيد

عدالت مشڪل وقت ۾ بهتر فيصلو ڏنو، ايمرجنسي لڳائڻ يا مارشل لا جون ڳالهيون ڪندڙ ڏيهاريندڙ خواب ڏسڻ ڇڏي ڏين

85 رڪني ڪابينه جو جمعي بازار سپريم ڪورٽ جو فيصلو رد نٿو ڪري سگهي

شهباز شريف حڪومت نااهلي يا انارڪي مان هڪ جي لاءِ تياري وڃي. عوام جو نالو رياست آهي

راولپنڊي (م د) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته شهباز شريف سوچي وٺي ته عدالتي فيصلو مڃڻو آهي يا نااهل ٿي رائيونڊ وڃڻو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اڳوڻو گهرو وزير شيخ رشيد (فائيل فوٽو)

عدالتي مارشلا قبول نٿا ڪري سگهون: مولانا اسد محمود

جيڪڏهن عدالت اندر اتفاق راءِ پيدا نه ڪري سگهيا ته توهان کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڏسڻو پوندو

وزيراعظم توهان کي اڪيلو نه ڇڏيندو ۽ نه ئي آئين ۽ پارليامينٽ کي اڪيلو ڇڏيندو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) وفاقي وزير مولانا اسد محمود عدالتي فيصلي تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته هو هن جڊيشل مارشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اڳوڻو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گرفتار

عدالت ٻاهران سندس حامي ۽ مخالف وڏي انگ ۾ موجود رهيا

ٽرمپ فردجرم کي تسليم نه ڪندو نه ئي الزامن کي قبول ڪندو: ٽيم

نيويارڪ (م د) اڳوڻو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گرفتار ٿي ويو، اڳوڻو صدر عدالت ۾ پيشي لاءِ نيويارڪ سٽي پهتو ته جيئن هڪ پورن اسٽار کي ڳجهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي وزير اسد محمود قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

اڳوڻي وفاقي وزير زرتاج گل ۽ عثمان بزدار کي اينٽي ڪرپشن طلب ڪري ورتو

زرتاج گل کي سنڌس تڪ جي ترقياتي ڪمن ۾ ڪميشن وٺڻ جي حوالي سان جاچ لاءِ طلب ڪيو ويو

زرتاج گل ۽ سندس مڙس همايون آخوند تي ترقياتي اسڪيمن جي فنڊز جي فراهمي تي 10 سيڪڙو ڪميشن وٺڻ جو الزام آهي: ذريعا

روڊ جي تعمير ۾ بدعنواني ڪيس ۾ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير عثمان بزدار کي 10 اپريل تي طلب ڪري ورتو

لاهور (م د) اڳوڻي وفاقي وزير زرتاج گل ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير عثمان بزدا کي اينٽي ڪرپشن طلب ڪري ورتو زرتاج گل کي سندس تڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اڳوڻي وفاقي وزير زرتاج گل ۽ عثمان بزدار (فائيل فوٽو)

پارليامينٽ ۽ عدليا ۾ کليل جنگ، اليڪشن ڪميشن جي اختيارن ۾ مداخلت

4 اپريل 1979ع تي ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو هو: صحافي قيوم صديقي

جڏهن کان چيف جسٽس آيو آهي تڏهن کان جڊيشل آمريت نظر اچي رهي آهي

اسلام آباد (م د) پنجاب اسيمبليءَ جي چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني تڪراري بئنچ جي فيصلي کي قانوندانن، تجزيي نگارن ۽ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڊپٽي ڪمشنر ڪڏڻ ضلعي جي صدارت هيٺ 21 رمضان المبارڪ جي حوالي سان گڏجاڻي

گڏجاڻي ڪيپٽن رٽائرڊ محمد سعيد لغاري جي صدارت ۾ ٿي، ماتمي جلوس جي سيڪيورٽي بابت غور

مرڪزي جلوسن جي گذرگاهن تي صفائي سترائي ۽ روشني جا مناسب انتظام ڪيا وڃن: محمد سعيد لغاري

ذاتي طور تي مرڪزي جلوس جي گذرگاهن ۽ ان جي آس پاس جي صفائي سترائي ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺندس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ 21 رمضان المبارڪ يوم شهادت حضرت علي ڪرم الله وجهه جي موقعي تي ماتمي جلوسن ۽ مجلسن جي سيڪيورٽي ۽ امن امان جي صورتحال تي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ڊپٽي ڪمشنر ڪڏڻ ضلعي ڪيپٽن رٽائرڊ محمد سعيد لغاري جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

ڊاڪٽر سارا ملڪ قتل ڪيس ۾ جوابدار بسما جي ضمانت منظور: آزاد ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (م د) ڪراچي جي عدالت ڊاڪٽر سارا ملڪ قتل ڪيس ۾ جوابدار بسما جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ڪراچي جي عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران بسما جي وڪيل دليل ڏيندي چيو ته بسما وٽان پوليس کي ڪجھ به نه مليو آهي. قتل ڪيس سان هن جو ڪو به تعلق نه آهي وڪيل دليل ڏنا ته مقتوله ڊاڪٽر سارا پاڻ اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪاڇي مان 2 هفتا اڳ اغوا ٿيل ناري بازياب

ڳوٺ ياسين لغاري مان اغوا ٿيل فضيلا لغاري کي بازياب ڪرايو ويو

ناري کي وومين چائلڊ پروٽيڪشن جي انچارج ۽ دادو پوليس بازياب ڪرائي ورتو: پوليس

جوهي/دادو (نمائندن وٽان) ڪاڇي جي علائقي ڳوٺ ياسين مان 2 هفتا اڳ اغوا ٿيل ناري کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ڳوٺ ياسين لغاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

گيانچند ايسراڻي اڏيرو لعل صاحب جي پيدائش واري هنڌ نصرپور درگاهه جي بحالي جو اعلان ڪري ڇڏيو

صوبائي وزير سائين امر اڏيرو لال درگاهه تي 30 ملين رپين جي لاڳت سان مختلف ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو

درگاهه لاءِ 50 ڪي وي سولر سسٽم جي اسڪيم جي به منظوري ڏني وئي آهي، جنهن تي مرحليوار ڪم شروع ڪيو ويندو: گيانچند ايسراڻي

مندرن، آشرم، شمشان گهاٽ، گردوارن ۽ ٻين هندن جي هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي مان پاڻ نگراني ڪري رهيو آهيان

اڏيرولال (رپورٽر) اقليتن جي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي جهولي لال سائين امر اڏيرو لعل صاحب جي پيدائش واري هنڌ نصرپور درگاهه جي بحالي جو اعلان ڪري ڇڏيو. نصرپور درگاهه لاءِ ايندڙ مالي سال 24_2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اڏيرولال: اقليتن جي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پ پ عوامي نه وڏيرن، ڀوتارن ۽ جاگيردارن جي پارٽي آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جي سمورين مصيبتن جو سبب سنڌ جي اقتداري ايوانن مٿان مڙهيل جاگيردار طبقو آهي

پ پ جي حڪمراني ۾ سنڌ جو سمورو انفرا اسٽرڪچر تباهه آهي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ملڪ جي اندر معاشي سياسي ۽ آئيني بحران جو مستقل حل ملڪ جي نئي آئين ساز اسيمبلي جي چونڊ ۾ آهي. جيڪا چونڊجڻ کان پوءِ نئي سر آئين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان سمورين يونيورسٽي جا وائيس چانسلرز ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ جوابدار جو سسُ ۽ سالين تي مبينا تشدد: گهر تي قبضو ڪري ورتو

ڪراچي (م د) ڪراچي جي منگهو پير واري علائقي واسڻ عورت الزام هنيو آهي ته سندس ناني ساٿين جي مدد سان موٽڪي ۽ منهنجي ڌيئرن تي تشدد ڪري اسان جي گهر تي قبضو ڪري ورتو آهيمتاثر عورت بخت چيو ته رات دير سان منهنجو ناني ساٿي جوابدارن سان گڏ پت ٽپي گهر ۾ داخل ٿيو. ڏيشان مون کي ۽ منهنجن ننڍن ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو. جوابدار منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

جيڪڏهن ڊونلڊ ٽرمپ پاڪستاني هجي ها ته سندس حاضري عمران خان وانگر عدالت جي درن تي ٿئي ها: ناصر شاهه

پاڪستاني ٽرمپ جا سمورن ادارن ۾ سهولتڪار موجود آهن پر آمريڪي ٽرمپ غريب سهولتڪارن کان محروم آهي

پارٽي ٽرمپ بابري مسجد تباهه ڪئي ۽ پاڪستاني ٽرمپ پي ٽي وي کي تباهه ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته ڊونلڊ ٽرمپ پاڪستاني هجي ها ته سندس حاضري عمران خان وانگر عدالت جي دروازن تي ٿئي ها. اهڙن خيالن جو اظهار هن جاري ڪيل هڪ تجزياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وڏي وزير جي صلاحڪار حاجي رسول بخش پاران بچت بازار جو دورو

دوري دوران حاجي رسول بخش ڪاڏي پيٽي جي شين جا اگھ چيڪ ڪيا

ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل طحه سليم، اسسٽنٽ ڪمشنر گلبرگ به موجود هئا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ۽ رليف بابت صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو ضلعي سينٽرل ڪراچي جي افغان گرائونڊ ۾ قائم بچت بازار جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سينٽرل طحه سليم، اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ۽ رليف بابت صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو بچت بازار جو دورو ڪندي

ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا جي 8 ملڪن مان سڀني کان وڌيڪ مهانگو ملڪ قرار ڏئي ڇڏيو

پاڪستان ۾ موجوده مالي سال مهانگائي جي شرح 27.5 سيڪڙو رهندي: رپورٽ

نيپال ۾ مهانگائي 7.4 سيڪڙو ڀوٽان ۾ 5.5 سيڪڙو ۽ مالديپ ۾ 4.5 سيڪڙو رهندي

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا جي 8 ملڪن مان سڀني کان وڌيڪ مهانگو ملڪ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب پاڪستان ۾ موجوده مالي سال مهانگائي جي شرح 27.5 سيڪڙو رهندي. اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

واٽر بورڊ اختيارين پاران پاڻي جي متاثر لائينن جي مرمت جو ڪم مڪمل

هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪري متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي شروع

چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري سميت سمورا ملازم ساراهه جا مستحق آهن: سيد صلاح الدين احمد

ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته اسان مستقبل ۾ ڪنهن به ليڪيج کان بچڻ لاءِ ان جو مستقل حل ڳولينداسين

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ اختيارين پاران مختصر وقت ۾ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي منعقد ٿيل بچت بازارن جي نگراني لاءِ عوامي نمائندن جا دورا جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي نهندڙ بازارن جي مانيٽرنگ لاءِ عوامي نمائندن جا دورا جاري آهن. ان سلسلي ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت خاص مددگار تنزيلا امر حبيب بچت بازار گلشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ريٽي جي قدر ۾ گهٽتائي: تيل ڪمپنين کان نقصان جا تفصيل طلب

اوگرا آئل ڪمپنين کان 6 مهينن جا تفصيل طلب ڪري ورتا آهن: ذريعا

آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين کي 2 هفتن اندر نقصان جا تفصيل جمع ڪرائڻ جو چيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ريٽي جي قدر ۾ گهٽتائي سبب تيل ڪمپنين کي ٿيندڙ نقصان جا تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطي لاءِ چيف کي تبديل ڪريو: گورنر سنڌ

75 سالن ۾ ڪنهن کي ڪم جي بنياد تي ووٽ گهرندي نه ڏٺو ويو آهي: ڪامران ٽيسوري

عمران خان اقتدار ۾ اچي هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ 50 لک گهر ڏيڻ جو اعلان ڪيو پر هن پنهنجو واعدو به پورو نه ڪيو

شهر ۽ صوبي جو سڀ کان وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي، ان تي ضابطو آڻينداسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري جو چوڻ آهي ته اسٽريٽ ڪرائم تي ضابطو آڻڻ لاءِ ايس ايڇ او کي تبديل ڪرڻ جو چيو هو پر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عالمي معيار جي سائنس فرانزڪ ۽ ڊي اين اي ليبارٽري جي تعمير 2025 تائين مڪمل ڪئي ويندي: چيف سيڪريٽري

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ فارنزڪ سائنس ۽ ڊي اين اي ليبارٽري جي قيام بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ، گهرو کاتي جي سيڪريٽري، سيڪريٽري ترقي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ٻوڏ جي امدادي سامان جي خريداري ۾ ڪرپشن جو انڪشاف

آڊيٽر جنرل آف پاڪستان 25 ارب رپين جي آڊٽ رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي

متاثرن جي نالي تي راشن جا ٿيلها ۽ ٻيو سامان مهانگي اگهه تي خريد ڪيو ويو: آڊٽ رپورٽ

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي سامان جي خريداري ۾ بي ضابطگين جو انڪشاف ٿيو آهي، آڊيٽر جنرل آف پاڪستان 25 ارب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

محرابپور لڳ گرفتار ڪيل شاگردن جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

اسلم سنڌي، عديل لغاري، نادر پنگوار سميت قيد ڪيلن لاءِ احتجاج ڪيو

ڪامريڊ انسم سنڌي، رافع موحائي، ناظم سنڌي، دانش موحائي، ۽ ٻين خطاب ڪيو

بنا جواز گرفتاريون بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي: مظاهرين

محرابپور(رپورٽر مجاهد علي سامٽين) محرابپور لڳ گرفتار ڪيل شاگرد سڀا سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد اڳواڻ اسلم سنڌي، عديل لغاري، نادر پنگوار سميت قيد ٿيل سمورن شاگردن جي آزادي لاءِ ۽ شاگردن مٿان تشدد خلاف سنڌ شاگرد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

محرابپور: سنڌ شاگرد سڀا پاران گرفتار ڪيل شاگردن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن ديدار حسين قمبراڻي مراد ميمڻ راشد ٻگهيو حافظ اعجاز لاشاري ڪريم بخش سيال ۽ ٻين اميدوارن جن جو تعلق دادو ضلعي جي 4 تعلقن سان هو انهن پاران في ميل اميدوارن سان گڏ ڊي اي او پرائمري دادو جي آفيس ۾ آفر آرڊرز لاءِ احتجاج ڪيو بعد ۾ چيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ جو رهواسي اهلڪار بدلين ڪان تنگ اچي انت آڻي ڇڏيو

نعمت الله شيخ بدلين جي آزار ڪان تنگ ٿي پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

مسلسل بدلين جي آزار سبب پاءُ سخت ذهني دٻاءُ جو شڪار هيو جنهن سبب اهڙو قدم کنيو: سيف الله

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ جو رهواسي پوليس اهلڪار نعمت الله شيخ بدلين جي آزار ڪان تنگ ٿي گهر اندر پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي خبرموجب ڪراچي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ جو رهواسي پوليس اهلڪار نعمت الله شيخ بدلين جي آزار ڪان تنگ ٿي گهر اندر پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏيي خودڪشي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دڙو لڳ پرهياڙ ۽ خاصخيلي برادري وچ ۾ زمين جي معاملي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

پرهياڙ برادري طرفان دڙو ڪانڌڙا روڊ تي احتجاج، اعلي اختيارين ڪان جانچ جو مطالبو ڪيو ويو

ماستر عرس پرهياڙ، علي غلام پرهياڙ، نورو پرهياڙ، علي شير پرهياڙ، دلدار جتوئي احتجاج ڪيو

خونريزي ڪرائڻ لاءِ اسان جي گهرن تي هترادو فائرنگ ڪري ڪوڙو درامون رچايو آهي: مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو لڳ پرهياڙ ۽ خاصخيلي برادري وچ ۾ زمين جي معاملي تان ٿيل تڪرار شدت اختيار ڪري ويو پرهياڙ برادري طرفان دڙو ڪانڌڙا روڊ تي احتجاج، اعلي اختيارين ڪان جانچ جو مطالبو دڙو لڳ ڳوٺ گل پرهياڙ جي رهندڙ ۽ يو سي ڪندور جي سابق چئرمين منظور پرهياڙ، ماستر عرس پرهياڙ، علي غلام پرهياڙ، نورو پرهياڙ، علي شير پرهياڙ، دلدار جتوئي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دڙو: پرهياڙ برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول متاثرين پاران مطالبن لاءِ احتجاج جاري، سخت نعريبازي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول متاثرين جو احتجاج جاري سخت نعريبازي، ڪمپني عملدار متاثرين وٽ پهتا ڳالهيون خبرموجب: ٿرڪول بلاڪ ٽو جي سڀ کان اول متاثر ٿيندڙ ڳوٺ سينهري درس جي رهواسين منظور درس، عبدالسلام، سجاد درس جاڻدو ڀيل راڻو ڀيل سونو ڪولهي ۽ ٻين ڪاله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مانجهند جو سرگرم سماج سڌارڪ نوجوان ڪراچي ۾ فوت، ڊاڪٽر تي غفلت جو الزام

ڊاڪٽر جي مبينا غفلت سبب رڳ ڪٽجڻ جي نتيجي ۾ رت نه بيهڻ سبب بي هوش ٿي ويو

وارثن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي فوت ٿي ويو، شهر بند ٿي ويو

فوتي جي پاءُ اعجاز حسين ميمڻ سئوٽ حاجي سليم ميمڻ سخت احتجاج ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

مانجهند (رپورٽ: مهران عمراڻي) مانجهند جو سرگرم سماج سڌارڪ نوجوان حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ آپريشن دوران رڳ ڪٽجڻ جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ فوت گهر ۾ ڪهرام ڊاڪٽر تي غفلت جو الزام احتجاج تفصيل موجب مانجهند جو سماج سڌارڪ ايس يو پي ڪارڪن 40 ورهين جو ديدار حسين ميمڻ حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ تلي جي آپريشن دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سرحد شهر ۾ حدخلين جو آزار وڌي ويو، دڪاندارن پاران ناجائز حدخلين سبب آزار

اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي حدخلين ۽ غيرقانوني پارڪنگ هٽائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو

سيڪريٽري جي ڪاروائي ڪرڻ ڪان ڪن لاٿار شهرين جو پنڌ هلڻ به مشڪل ٿي ويو آهي

اڏاوتون ٺاهڻ جو سلسلو جاري آهي ضلعي انتظاميا کي بار بار چوڻ باوجود به ڪڙتيل نه نڪتو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد شهر ۾ حدخلين جو آزار وڌي ويو، دڪاندارن پاران ناجائز حدخلين ڪري دڪانن اڳيان سمورو سامان فوٽ پاٿ تي رکي روڊ سوڙها ڪري ڇڏيا ،اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي حدخلين ۽ غيرقانوني/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سرحد: واپارين پاران ڪيل حدخلين جو ڏيک

ٽنڊو غلام حيدر پرسان حيدرآباد روڊ تي شاهه واهه بس اسٽاپ ويجهو حادثو فوتي جو لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو عورت جو لاش گهر پهچندي ڪهرام

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر پرسان حيدرآباد روڊ تي شاهه واهه بس اسٽاپ ويجهو ٽرڪ موٽر سائيڪل سوارن مٿان چڙهي وئي حادثي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ عورت صديقه زال اشرف بوهڙ ٿڏي تي فوت ۽ هڪ چٺو جمن بوهڙ زخمي فوتي جو لاش ۽ زخمي پوليس پاران اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فوتي عورت جو لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو ۽ مڪلي تان موٽر سائيڪلن جي چوري رڪجي نه سگهي، 5 موٽر سائيڪلون چوري

قائم جيز بئنڪ ٺٽو اڳيان ٺٽي جي سينيئر صحافي محمد ايوب ملاح جي پاءُ جي گاڏي چوري

مڪلي جي درگاهه مخدوم آدم وٽان مڪلي واسي نوجوان غلام محمد ڪنڀار جي موٽر سائيڪل چوري

چورن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي، جيئن آئنده شهري نقصان ڪان بچي سگهن: ساجاهه وند

ٺٽو(د ر) ٺٽو ۽ مڪلي تان موٽر سائيڪلن جي چوري رڪجي نه سگهي، 24 ڪلاڪن اندر صحافي ايوب ملاح جي پاءُ سميت وڌيڪ 5 موٽر سائيڪلون چوري ٿي ويون. ٺٽي شهر ۾ قائم جيز بئنڪ ٺٽو اڳيان ٺٽي جي سينيئر صحافي محمد ايوب ملاح جي پاءُ TCS ملازم ذڪريا ملاح جي موٽر سائيڪل ڏينهن ڏٺي ڪي نامعلوم چور چوري ڪري ويا، هوڏانهن مڪلي ٿاڻي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

وارهه رمضان آرڊيننس تي عمل نه ٿي سگهيو انتظاميه طرفان ڪارروائي نه ٿي سگهي

هوٽل پڪوڙا ۽ ٻين دڪاندارن کي چوٽ ڏئي ڇڏي ڪائڻ پيئڻ جون شيون سرعام وڪرو

تحريڪ لبيڪ پاڪستان ڊويزنل اڳواڻ مولانا همت علي چانديو، حافظ عبدالحليم پاران احتجاج

انتظاميه جي لاپرواهي ۽ رشوت خوري سبب هن پلاري مهيني جو تقدس پائمال ٿي رهيو آهي: مظاهرين

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه رمضان آرڊيننس تي عمل نه ٿي سگهيو انتظاميه طرفان رشوت وٺي هوٽل پڪوڙا ۽ ٻين دڪاندارن کي چوٽ ڏئي ڇڏي ڪائڻ پيئڻ جون شيون سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي اڳواڻن طرفان پريس ڪانفرنس رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائي رمضان المبارڪ جو تقدس بحال ڪيو وڃي تحريڪ لبيڪ پاڪستان ڊويزنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

وارهه: تحريڪ لبيڪ پاڪستان جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سيوهڻ تعلقي جي شهر پان سيدآباد شهر جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڪٽڪ جي گودام تي ڇاپو

سيوهڻ شريف(رپورٽر) سيوهڻ تعلقي جي شهر پان سيدآباد شهر جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڪٽڪ جي گودام تي ڊي ايف سي جامشورو پوليس جي وڏي اتالي سان چڙهائي، واپارين ۽ ڊي ايف سي وچ جهڙپ ، هڪ ٻئي کي ڏڪا سنڌ سرڪار پاران ڪٽڪ جي چرپر تي هڪ دفعو ٻيهر پابندي هڻڻي وٺي فوڊ ڪاتي جا عملدار فوڊ ڪاتي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پيارو اسٽيشن ۾ سيتا سرڃٺار فورم پاران روهڙي ڪان بند پيل ڪيل ٽرينن جي لاءِ احتجاج

ٽرين سروس هلائڻ جي لاءِ احتجاجي مظاهرو، احتجاج ۾ استادن' شاگردن پاران شرڪت ڪئي وئي

ريلوي جي تعصب پرست انتظاميا پنجاب ۾ وڪ وڪ تي عاليشان ٽرينون هلائي رهي آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي ڪراچي ٽريڪ جون سڀ ٽرينون بند ڪري ڇڏيون آهن جيڪا سنڌ سان سراسر زيادتي آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ ۾ اڄ هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو دادو، ڪوٽڙي ريلوي لائين تي گذريل 9 مهينن ڪان بند پيل مسافر ريل گاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڃٺار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳوائي ۾ احتجاج جاري رکيو ويو، احتجاجي مظاهري ۾ مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو، رضا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پ پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻن پاران دادو ۾ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار، نوٽيس وٺڻ جي گهر

ضلعي جو امن امان خراب ٿي ويو آهي چوريون ڦرون ڌاڙا ۽ قتل معمول بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

جوا منشيات ۽ نشي آرر سوپاريين جو وڪرو عام ٿي رهي آهي، تحريڪ جو جلد اعلان ڪيو ويندو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پ پ پ شهيد ڀٽو دادو ۾ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته دادو ضلعي ۾ موجوده ايس ايس پي جي مقرري ڪانپوءِ ضلعي جو امن امان خراب ٿي ويو آهي چوريون ڦرون ڌاڙا ۽ قتل معمول بڻجي ويا آهن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مورو پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ او پاران نشي آورر سوپارين وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروايون

علي اڪبر ڪوڪر SSP جي حڪم تي نشي آورر سوپارين وڪرو ڪندڙن خلاف ڏنڊو ڦيرايو

رياض گاڏهي رميز رفاقت سولنگي گرفتار ڪيا ويا: پوليس

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو پوليس ٿاڻي جي دبنگ SHO علي اڪبر ڪوڪر جون نشي آورر سوپارين وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروايو تيز 4 ڇٽا سوگها ڪيس داخل پيرائتي خبر موجب: مورو پوليس ٿاڻي جي دبنگ SHO علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: پوليس پاران گرفتار ڪيل منشيات فروش

خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، وارداتون معمول بڻجي

چورن سرڪاري ادارن ۽ معصوم ٻارڙن کي به نه بخشيو پوليس خاموش تماشائي بڻيل

مان نامعلوم چور دروازي جو تالو ٽوڙي چار عدد چٽ وارا پنڪا لاهي ديده دليري سان فرار ٿي ويا

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو چوريون ڦريون جون واڌايون روز جو معمول بڻجي ويون/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پيپلز پارٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو عبدالقادر شاهه جيلاني هائوس پهچي ويو

بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ميمبر پير سيد فضل علي شاهه جيلاني سان ملاقات ڪئي

پير سيد احمد رضا شاهه جيلاني ۽ پير سيد جگنو سائين سان والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

راڻيپور(رپورٽر) پيپلز پارٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري راڻي پور پر سد عبدالقادر شاهه جيلاني هائوس پهچي ويو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ميمبر پير سيد فضل علي شاهه جيلاني ۽ اوقاف کاتي جي صوبائي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سرحد واسي زال مڙس جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

عبدالستار ملڪ گهرواري مسمات پروين ملڪ سان گڏجي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

پرڪيل ڪٽڪ جو سوين مڻ فصل ڪٽڻ به نه ڏنو وڃي هٿيارن جي زور تي ڌمڪايو پيو وڃي: الزام

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد واسي زال مڙس جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو، بااثرن مٿان زبردستي زمين مان فصل ڪٽڻ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرحد: زمين تي قبضو ڪندڙن بااثرن خلاف زال مڙس احتجاج ڪري رهيا آهن

وزيراعلي جي صلاحڪار اعجاز جکراڻي پاران شڪارپور ۾ بچت بازار جو دورو

سنڌ حڪومت بچت بازار لڳائي عوام کي ريليف ڏنو آهي: اعجاز جکراڻي

اٽو، چانور ڪوڪنگ آئل ،مرغي ۽ سبزي جي خريداري وڌيڪ ڪئي پيئي وڃي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) وزيراعلي سنڌ جي صلاحڪار جيل خانه جات اعجاز جکراڻي پاران شڪارپور ۾ بچت بازار جو دورو، ملڪ ۾ مهانگائي وڌيڪ آهي ، سنڌ حڪومت بچت بازار لڳائي عوام کي ريليف ڏنو آهي اعجاز جکراڻي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

وارهه واسي سپنا هوٽل جي مالڪ بابو بروهي طرفان تعلقه پريس ڪلب اڳيان احتجاج

عمران مارفاڻي اسان جو نقصان ڪري هوٽل جو سامان وغيره ڦري پيو وڃي : بابو بروهي

بااثر عمران مارفاڻي مان مونکي خطرو آهي نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه واسي سپنا هوٽل جي مالڪ بابو بروهي طرفان تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته عمران مارفاڻي نشو ڪري هر روز اسان جو نقصان ڪري هوٽل جو سامان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21



وارهه: هوٽل مالڪ بابو بروهي بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جي هدايتن تي اي سي پاران ڪارروايون

اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي ۽ مختيارڪار ذوالفقار علي پنهور ڇاپا هنيا

پاڇين، ميون ۽ ڪائڻ پيئڻ جي شين سميت عام واهپي جي شين جي اگهن جو جائزو ورتو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي ۽ مختيارڪار ذوالفقار علي پنهور گڏيل طور تي دادو شهر جي بازارن ۽ رمضان بچت بازار جو دورو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ذوالفقار علي ڀٽو جو قتل پاڪستاني عوام جي آواز کي بند ڪرڻ هو: ذوالفقار علي ٻهڻ

عوام جي آواز کي بند ڪرڻ هو پر اسان جو عظيم ليبر عوام جي زبان بڻجي چڪو هو

جلد ئي سول اسپتال نوشهروفيروز کي ضلعي جو درجو ڏياري وينٽيليٽر انسٽال ڪرايا ويندا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ڪيس ٻيهر کولڻ جي گهر ڪئي وئي آهي شهيد ذوالفقار ڀٽو جي 44 هين ورسي جي موقعي تي نوشهروفيروز ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر ايم اين اي ذوالفقار علي ٻهڻ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ سول اسپتال اوٽي اٽينڊنٽ نظام الدين سولنگي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

نظام الدين سولنگي جي والد جي جنازه نماز ڊگري ڪاليج گرائونڊ نوشهروفيروز تي ادا ڪئي وئي

اعجاز مسنائي لالا موسيٰ خان، ننگر خان لاشاري قاضي لياقت، سيد شهاب الدين شاهه پاران تعزيت

نوشهروفيروز (ڊر) سول اسپتال نوشهروفيروز جي اوٽي اٽينڊنٽ نظام الدين سولنگي جو والد ڪينسر جي بيماري سبب اچانڪ وفات ڪري ويو جنهن جي جنازه نماز ڊگري ڪاليج گرائونڊ نوشهروفيروز تي ادا ڪئي وئي جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: نظام الدين سولنگي جي والد جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

عادلپور ويجهو جي ڳوٺ صالح مهر جي رهواسين جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ظهور احمد مائي زينت مائي شماءِ ۽ مائي صدوري سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

بااثرن مردن جي غيرموجودگي ۾ حملو ڪري اسان عورتن کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي: الزام

ايس ايڇ او ڪان مطالبو ڪيون ٿا ته معاملي جي انڪوائري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ويجهو جي ڳوٺ صالح مهر جي رهواسين جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ان حوالي سان ظهور احمد مائي زينت مائي شماءِ ۽ مائي صدوري سان گڏ بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

عادلپور: ڳوٺ صالح مهر واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري پاران دراني مهر جي ڪچي ۾ آپريشن جاري

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) ضلعي ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري جو دراني مهر جي ڪچي واري علائقي ۾ اڄ ٽئين ڏينهن به مغوين جي رهائي ۽ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن ڪيو ويو ڌوهارين پوليس کي ڏسندي ئي جديد هٿيارن سان پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس جي جوانن به جوابي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گلشن سيد ٽينٽ سٽي جي نالي تي سوين ايڪڙ زمينن تي قبضا گير سرگرم ٿي ويا

قبضا گير سيد احمد شاهه افغاني پٺاڻن کي زمينون کپائي رهيو آهي: ايس ايڇ او گلشن معمار رياض ڀٽو

سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ احمد شاهه ڪاظمي اتي افغانين کي سرڪاري زمين پڳڙن مٽ تي وڪرو ڪري رهيو هو

ڪراچي (رپورٽ) گلشن سيد ٽينٽ سٽي جي نالي تي سوين ايڪڙ زمينن تي قبضا گير سيد احمد شاهه افغاني پٺاڻن کي زمينون کپائي رهيو آهي، پوليس پهچڻ تي پوليس مٿان حملو ڪرائيندڙ آهي، ان مٿان ڪافي ايف آءِ آر داخل ٿيل آهن، ڪنهن صورت ۾ زمينون والار ڪرڻ نه ڏيندا سين، ايس ايڇ او گلشن معمار رياض ڀٽو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ نئين تعمير ٿيندڙ ٽريزري آفيس جو ٺيڪو ڪرپٽ ٺيڪيدار حوالي

راڻو نسيم انجنيئر رياض احمد منگنهار ڪروڙين رپين جي رشوت عيوض اسڪيم کپائي ڇڏي

تباهه ٿيل اسڪيمن ۾ اسپتال پريا روڊ اسپتال ٺيڪيدار جي نااهلي ۽ ناقص مٽيريل جو ثبوت موجود آهي

راشي آفيسر ايس ڊي او محمد اصغر تگڙ ۽ سرور امير علي ڪانهر جي خلاف سخت قدم کنيو وڃي: ساجاهه وند

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز شهر ۾ نئي تعمير ٿيندڙ ٽريزري آفيس جو ڪم شروع ٿيندي ئي ٺيڪيدار پاران ناقص مٽيريل استعمال ڪري ڇڏيو جنهن ڪري بلڊنگس جي مضبوطي خطري ۾ پئجي ويئي، ٽريزري جي نئين تعمير ٿيندڙ بلڊنگس جي آيل وڏ ڪروڙ جو ٺيڪو ڪرپٽ ٺيڪيدار راڻو نسيم حوالي ٿي ويو جنهن کي تسلي بخش/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز : ٽريزري آفيس جو ترقياتي ڪم جاري آهي

سکر جي بيراج ڪالوني سکر مان گم ٿيل شخص جو پتو نه پئجي سگهيو

سکر(رپورٽر) بيراج ڪالوني سکر مان گم ٿيل شخص جو پتو نه پئجي سگهيو، وارثن پاران اعليٰ اختيارين کي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي، تفصيل موجب بيراج ڪالوني سکر مان پراسرار نموني گم ٿيل ذهني معذور محمد هارون جاگيراڻي بابت ڪو به ڏس نه پئجي سگهيو آهي جنهن سبب وارث پريشان آهن ان ڏس ۾ هارون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سچل سرمست جي ساليانو 202 عرس جون سرڪاري تقريبون شروع، مراد علي شاهه پاران حاضري

سچل سرمست جو روضو بارشن سبب متاثر ٿيو، بهتر رٿابندي تحت جلد مرمت ڪئي ويندي: مراد علي شاهه

خواهش آهي ته سچل سرمست جي درگاهه لکين صدين ائين ئي قائم دائم رهي جو سنڌ امن ۽ پيار جي ڌرتي آهي

صوبائي وزير اوقاف سيد احمد رضا شاهه جيلاني ايم اين اي سيده نفيسه شاهه ،ايم پي اي منور علي وساڻ ساٿس گڏ هئا

راڻيپور (رپورٽر) حضرت سچل سرمست جي سالياني 202 عرس جون سرڪاري تقريبون شروع وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران مزار تي گلن جي چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته حضرت سچل سرمست جو روضو بارشن سبب متاثر ٿيو آهي جنهن لاءِ ٽيڪنيڪل ماهرن جي ٽيم موڪلي مزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل ڪيس کي ٻيهر کولڻ جو ٺهراءُ پيش

تقريب ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر ذوالفقار علي جي ڀيڻ، سيد ابرار علي شاهه ۽ ٻين پاران خراج

ڪارڪنن شرڪت ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت ۽ عوامي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي

پاڪستان جي آئين ساز کي حق ڏنو وڃي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪوڙو ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل ڪيس کي ٻيهر کولڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي جي 44 هين ورسي جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب ۾ قومي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ملهائي پئي وڃي

شڪارپور پرسان ڳوٺ سهراب ڀهوڙ ۾ ڀهوڙ ۽ منگنهار برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ زخمي

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور خانپور لڳ فيضو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سهراب ڀهوڙ ۾ ڀهوڙ ۽ منگنهار برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو لڳي پيو جڏهن ته جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب 53 ورهين جو پناڻ پٽ مهراب منگنهار شديد زخمي ٿي پيو زخمي کي وارث طبي امداد لاءِ خانپور اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو باگو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي عورتن لاءِ آيل پئسن مان ڪٽوتي جاري

هليل خبرن ۽ شهرين طرفان موڪليل شڪايتن جو وفاقي وزير شازيا مري نوٽيس وٺي ڇڏيو

پئسن مان ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري مون کي رپورٽ پيش ڪئي وڃي: هدايتون

شهرن ۾ ڪٽوتين ۾ ملوث ڊوائيس هولڊرن تي فراڊ جا ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو ويندو

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊو باگو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي عورتن لاءِ آيل پئسن مان ڊوائيس هولڊرن پاران هڪ هزار کان 2 هزارن تائين ڪٽوتين جي ميڊيا تي هليل خبرن ۽ شهرين طرفان موڪليل شڪايتن جو وفاقي وزير شازيا مري نوٽيس وٺي ٽنڊو باگو جي ڊوائيس هولڊرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪرڻ لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ڪراچي جي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ سماجي تنظيم پاران رمضان جي موقعي تي برسات متاثرن ۾ سامان تقسيم

سيد علي عدنان نقوي ۽ سندس ٽيم ايڊوڪيٽ سيد اويس شاهه پاران احتجاج ڪيو ويو

اسان برسات ڪان وٺي ٻوڏ تائين غريبن جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون: عدنان نقوي

مدد ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ مخير دوستن جي تعاون سان هي سلسلو جاري آهي

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سماجي تنظيم پاران رمضان شريف جي موقعي تي برسات ۽ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ غريب ماڻهن جي عيد ڪرائي وٺي: تفصيل موجب هارميونينس آرگنائزيشن جي سرپرست اعلٰ سيد علي عدنان نقوي ۽ سندس ٽيم ايڊوڪيٽ سيد اويس شاهه، پنهنجي تنظيم جي سهڪار سان عيد جي موقعي تي دادو، جوهي، قمبر شهدادڪوٽ لاڙڪاڻو معظم علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو: سماجي تنظيم پاران راشن ورهايو پيو وڃي

سيوهڻ شريف لڳ پان سيدآباد شهر جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ چوٿين ڪلاس جي شاگرد بدفعلي

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ شريف لڳ پان سيدآباد شهر جي ريلوي ڦاٽڪ واري علائقي ۾ وحشي صفت انسان پاران معصوم ٽينگر چوٿين ڪلاس جي شاگرد نادر علي سان مبينا بدفعلي ٽينگر نادر علي جي والد اصغر پاران پان ٿاڻي تي واقعي جي اين سي رپورٽ داخل ڪيل پان پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٽينگر نادر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس بدين ۾ پينشن ۾ گهوٻين جو انڪشاف، هڪ عملدار معطل

مبينا طور رشوت عيوض ناجائز اضافي ذريعي لکين رپين جي گهوٻين جو انڪشاف ٿيو

سيڪريٽري فنانس ساجد جمال ابڙو اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ شاهنواز ٻوڪ کي معطل ڪري ڇڏيو

بئنڪن ذريعي پينشن وصول ڪندڙ 30 ڪان مٿي پينشنرن جي مارچ جي پينشن روڪي وئي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس بدين ۾ پينشن ۾ گهوٻين جو انڪشاف ٿيڻ کانپوءِ هڪ ملازم معطل 30 کان مٿي پينشنرن جي پينشن روڪي وئي پيرائتي خبر موجب ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس بدين ۾ مختلف سرڪاري کاتن ۾ رٽائرڊ ٿيل ملازمن توڙي فيملي پينشنرن جي گريجوئٽي منتقلي پينشن ريسٽوريشن دوران مبينا طور رشوت/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 06 اپريل 2023ع

ڏيئي ڏنبِ ڏڏن ، پاڻان ڏِيل ڏکوئيو!

هونئن ته هن ملڪ ۾ بحران اڪيلا نه پر قطارون ڪري ايندا رهيا آهن. پر هن ڀيري آيل بحران جي نوعيت ئي ڌار آهي. اهو بحران اڳ ئي معاشي ڏهڻ ۾ قاتل ملڪ لاءِ ڪن هاڃيڪار نتيجن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. اسٽيبلشمينٽ، جيڪا 2018ع وارين چونڊن جي آرڪيٽيڪٽ هئي، جنهن جو نتيجو هي ملڪ هاڻي ڀوڳي پيو ۽ اهو سپهه سالار به چڪيءَ جي ٻنهي پُڙن جي وچان پنهنجا هٿ حفاظت سان ڪڍي ويو آهي. ان کي ڪنهن به پڇاڻي کان پري ڪري محفوظ رستو ڏنو ويو آهي. باقي سانَ وڙهن پيا ۽ ٻوڙا لتاڙجن پيا. ڪنهن کي به اها پرواهه ناهي ته هن ملڪ ۽ عوام جو ڇا ٿيندو؟ سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جو چونڊون ملتوي ڪرڻ وارو فيصلو رد ڪندي پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي ڪابينا سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته، وفاقي ڪابينا طرفان فيصلو رد ڪرڻ ڪافي ناهي. قانون کي لتاڙي لاڏلي کي مسلط ڪندڙن کي ڪٽهڙي ۾ آڻڻو پوندو. ڳالهه اتي ئي پوري نٿي ٿئي، گهرو معاملن جي وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله اهو چئي خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي آهي ته، حالتون ان طرف وڃن ته ايمرجنسي جو آرٽيڪل موجود آهي.

هي ڇا پيو ٿئي؟ ڪو به تاريخ مان سکڻ لاءِ تيار نه آهي. ادارا سِگ اتڪائي بيٺل آهن. انائن جو مسئلو ئي نه پر ڌرين جي مفادن جو به معاملو آهي. هڪ ڌر بضد آهي ته چونڊون موجوده "چيف صاحب" جي رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ ۽ سندس ئي نگرانيءَ ۾ ٿين، جو ته اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ کان اڳ ته پيو "چيف صاحب" اڇتو آهي ۽ ان جي نگرانيءَ ۾ چونڊن جي صورت ۾ هڪ ڌر کي پنهنجي مرضيءَ جا نتيجا نه ملڻ جو خوف آهي. موجوده حڪمرانن کي اهو خوف آهي ته آءِ ايم ايف جي فرمائش تي انهن قوم کي جنهن ريت مهانگائيءَ جي ڪوري ۾ اڇلايو آهي، جنهن ڪري ماڻهن کي ڪاوڙ آهي ۽ چونڊون ترت ٿيون ته کين سخت مشڪلات جو منهن ڏسڻو پوندو. ان ڇڪتاڻ ۾ ٻنهي ڌرين ملڪ کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. ڪا به ڌر عقل جو استعمال ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اسان ان راءِ جا آهيون ته ٻنهي ڌرين ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن کي ملڪي مفاد کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي، جيڪو هن وقت عالمي قوتن جي مفادن جي ويڙهه جو ميدان بڻيل آهي. هڪ ڌر موجوده حالتن کي "عدالتي آمريت" جو نتيجو قرار ڏئي مقابلي لاءِ سنڌرا ڪشي ورتا آهن ته ٻي ڌر وري ان کي "عدليا تي حملو" قرار ڏئي رهي آهي. پاڪستان هن وقت دنيا ۾ اڪيلو ٿي ويو آهي. ان جو سبب ڪٿي اسان جي ماضيءَ جي پرڏيهي پاليسي هجي، يا پرائي جنگ وڙهڻ جو شوق هجي، پر هن وقت حالتن جي سنگينيءَ جو ادراڪ ڪندي صورتحال کي نه سنڀاليو ويو ته، اهڙو نقصان ٿيندو، جنهن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. معاملن کي سرچاءِ تائين وٺي وڃڻ بدران ويتر ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڪيو پيو وڃي. هي ملڪ اڳ ئي عملي طور تي ڊفالٽ ته ٿي چڪو آهي پر ٿورڙي اميد آءِ ايم ايف جي سيٽ کان قرض ملڻ جي هئي. اها به ڏکيائين ۾ پوندي نظر پئي اچي. جنهن کان پوءِ ملڪ ڪهڙي صورتحال کي منهن ڏيندو، ان جو تصور ئي ڪنبائيندڙ آهي.

هن وقت ڪڙڪا ڪندڙ ڪُنن ۾ قاتل ملڪ جي ٻيڙيءَ کي پاتار ۾ وڃڻ کان بچائڻ ۽ ڪنڌيءَ لڳائڻ جي ضرورت آهي. ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هن وقت حالتون 1971ع کان به خراب آهن. اولهه ۽ اوڀر جي سرحدن تي به حالتون سازگار ناهن. ان ڪري معاملن کي انائن جي آرسيءَ ۾ ڏسڻ بدران ملڪي مفاد ۾ ڏٺو وڃي. انتهائي ڳڻتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته نه صرف ادارن جي ادارن سان، پر ادارن اندر به هڪ ٻئي سان ويڙهه جاري آهي. اهڙي صورتحال ملڪ جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به نه ٿي هئي. اهو سمجهڻ کپي ته هي ملڪ ڪنهن ٻئي وڏي سانحي جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

رياست کي ڏوڏيندڙ حالتون

ممتاز منگي

سپريم ڪورٽ جي ٽن رڪني بينچ جنهن جي سربراهي چيف جسٽس سپريم ڪورٽ عمر عطا بنديال جي هئي، تنهن 4 اپريل تي توقع جي مطابق فيصلو ڏيندي پنجاب جي صوبائي اليڪشن 14 مئي تي ڪرائڻ لاءِ تاريخ ڏيندي اليڪشن ڪميشن جي ان فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن مطابق آڪٽوبر ۾ يعني گڏيل اليڪشن ڪرائڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن فيصلو ڏنو هو. فنڊن ۽ سيڪيورٽي جي معاملات کي ايترو وڏو مسئلو نه سمجهندي ته رڪني بينچ اليڪشن ڪميشن کي چيو آهي ته هو وفاقي حڪومت ۽ نگران صوبائي حڪومتن کان ڀرپور مدد وٺي خاص ڪري وفاقي حڪومت کي پابند ڪندي چيو ويو آهي ته فنڊن جو مسئلو هر صورت ۾ حل ڪري. فيصلي اچڻ کان پوءِ پي ٽي آءِ يعني عمران خان ۽ سندس پارٽي پنهنجي فتح جو نشان ڏيکاريندي تمام گهڻي خوشي جو اظهار ڪيو آهي. هنن هي به بيان ڏنو آهي ته "هاڻي آئين جي مطابق اعليٰ عدالت جو فيصلو اچي ويو آهي ۽ نظريه ضرورت هميشه جي لاءِ دفن ٿي چڪو آهي". پر پي ٽي آءِ وارن جي ٻهڪندڙ چهرن جي پسِ پرده يعني اندر جي ڪيفيت ۾ جيڪا اداسي ۽ غيريقيني نظر پئي اچي، انهيءَ جي سببن کي سمجهڻ ڪنهن به صورت ۾ ڏکيو ناهي. ڇا حالتون ان ئي طريقي سان اڳتي وڌنديون. جئين فيصلو اچي ويو آهي؟ جيڪڏهن معاملو ائين ۽ ايترو ئي سولو هو ته پوءِ اتحادي حڪومت ۽ ن ليگ خاص ڪري ن ليگ جي قيادت نواز شريف جيڪي بيان ۽ پنهنجا خدشا ظاهر ڪندي ڪورٽ جي ته رڪني بينچ جي اعتراض اٿاريا هئا. اهي صرف ۽ صرف ته رڪني بينچ جي مٿان دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ هئا؟ ڇا هو سڀ ڪجهه تنقيد ۽ اختلاف ان لاءِ ئي ڪري رهيا هئا ته جئين چيف جسٽس هنن جي مطالبن کي آڏو رکندي هن آئيني بحران جي مسئلي تي فل ڪورٽ بينچ جي تشڪيل ڏيندو. ڪين اها ڳالهه نه هئي ته اهائي ته رڪني بينچ 4 اپريل تي پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيندي.

سياست جي الف بي سمجهندڙ هر ڪي به اها سمجهه آهي ته هي پورو احتجاج يا دٻاءُ صرف لفظي جنگ جي حڪمتِ عملي ناهي پر انهيءَ جي پسِ پرده يا مستقبل ۾ وڌيڪ اختلافي فيصلن ۽ ٽڪرائن جي اچڻ جو امڪان موجود آهي ۽ هي سوال هن وقت به سوچيندڙ ذهنن جي آڏو طاقت سان بيٺو آهي ته 14 مئي تي ٻنهي صوبن جي اليڪشن ٿيندي به يا نه؟ گهڻو امڪان اهوئي نظر اچي پيو ته مستقبل ۾ يعني ايندڙ وقت ۾ حالتون ڪنهن نه صورت ۾ ٺهراءُ ۽ تسلسل سان نه وڌنديون پر گهڻي گهڻا تضاد ۽ ٽڪراءُ پيدا ٿيندا. ڇو ته هن وقت جيڪو بحران سياست جي دنيا ۾ آهي. اهو ساڳيو بحران پوري رياست جي ادارن جي اندر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي ۽ وڌ کان وڌ ان جي ڀرپور صورت اسان کي خود اعليٰ عدالت جي اندر نظر پئي اچي. هن بحران جي چِٽيل لڪير ۾ هڪڙي پاسي سينئر ترين جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ انهيءَ جي حمايت ۾ بيٺل جج صاحبان آهن ۽ لڪير جي ٻئي پاسي چيف جسٽس عمر عطا بنديال ۽ انهيءَ سان ڪجهه جج صاحبان نظر پيا اچن. پاڻ سيني جا نالا نه لکڻ بهتر ٿا سمجهون پر تضاد جي نوعيت اسان کي سمجهائي ٿي ته اسان کي ٽي ۽ چارجي سوموٽو فيصلي کان پوءِ جڏهن تمام اتحادي پارٽين چيف جسٽس کي فل ڪورٽ بينچ جي درخواست ڪئي ته هو انهيءَ کي مڃڻ جي لاءِ تيار نه ٿيو. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جي اڪثريتي ججن جي حمايت چيف جسٽس صاحب سان هجي ها ته هو پنهنجو پاڻ کي ايترو متنازع ڪڏهن به نه ڪري ها پر ته رڪني بينچ جوڙڻ کان پوءِ ڪورٽ تي جيڪا تنقيد ۽ بحث هاڻي عوام ۾ ۽ خواص ۾ شروع ٿي ويو آهي، انهيءَ جو موقعوئي پيدا نه ٿئي ها. آئين جي تشريح ۽ آئين تي عمل درآمد ڪرائڻ اعليٰ عدالتن جي بنيادي فرضن ۾ شامل آهي ۽ اهو فرض وڏ کان وڏ اهي جج صاحب ادا ڪندا آهن. جيڪي پنهنجي فيصلن ۽ عمل ۾ ڪڏهن به يا گهٽي ۾ پاڳي متنازع ناهن هوندا. اهو عوام ڪيئن ٿو سمجهي سگهي ته جيڪڏهن فل ڪورٽ بينچ تشڪيل ڏني وڃي ها ته ڇا اهو فيصلو آئين جي خلاف هجي ها؟ هي سمجهڻ ڏکيو ناهي ته آئيني فيصلا هميشه جمهوريت ۽ آئيني مفادن جي مطابق ڪيا ويندا آهن. اعليٰ عدالتن جا جج صرف جج ناهن هوندا. جيڪي آئين کي ميڪاميٽڪ جو ڪتاب ڪري پڙهڻ ۽ انهيءَ تي عمل ڪن پر هو اهڙا جراح به هوندا آهن. جيڪي پنهنجي قلم جي نشتر سان هڪڙيون نيون لڪيرون جراحت جون سٽيندي عظيم تاريخ لکندا آهن. پلي نظريه ضرورت اسان وٽ هن وقت متنازع بحث هجي پر اهوئي نظريه ضرورت جيڪڏهن عوام ۽ جمهوريت جي حق ۾ ٿيندو اچي ها ته ان تي تنقيد جي بجاءِ ساراهه ٿئي ها. ماضي جي ان فيصلي يعني نظريه ضرورت جي تحت آمريت کي هٿي ڏني ۽ مشرف جي پي سي او ۽ تائين آمريت جي چپر ڇانوَ ۾ اهو نظريه ضرورت هلندو رهيو جي ائين نه ٿئي ها ته صورت حال مختلف هجي ها. هن وقت هي بحث ڪيترن به دليلن سان ڪيو وڃي ته اتحادي حڪومت ٻنهي صوبن جي اليڪشن کان ڀڄڻ ٿي چاهي. ممڪن آهي ته انهن جي اندر ڀيو به ڪجهه هجي پر هي حقيقت آهي ته جنهن طريقي سان صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ويون ته انهيءَ ٽوڙڻ جي پويان عمران خان جي حڪمتِ عملي صرف اها نه هئي ته هو صوبائي اليڪشنون ڪرائي پر ان جي حڪمت عملي اها واضح ٿي چڪي آهي ته عمران خان جي دماغ ۾ ڊبل گيئر جي چال آهي. هڪ جي اليڪشن ٿي وڃي ته پوءِ جنرل اليڪشن ۾ انهن ٻنهي صوبن جي اليڪشن نه ٿيندي يعني صوبائي حڪومتن ۾ جي پي ٽي آءِ اچي ٿي ته هو آڪٽوبر ۾ ٿيندڙ اليڪشن سولائي سان مخالفن کي ڪٽڻ نه ڏيندا پر جي اتحادي صوبائي اليڪشن کٽي ٿا اچن ته انهيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ عمران خان قبول نه ڪندو ۽ هڪ ٻيو جنرل اليڪشن کان پهريان سياسي گهمسان شروع ٿي ويندو، جنهن ۾ وڌ کان وڌ بحران ٿي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن اتحادي مقرر وقت کان پهريان يعني مهينا اڳ ۾ ٻنهي صوبن سان گڏ جنرل اليڪشن ڪرائڻ تي آماده ٿين ته معاملو ته تمام سولو آهي ۽ اها حقيقت آهي

ته ڪجھ مهينن ۾ ڪا به معاشي بهتري اچڻ جو امڪان ناهي پر سياسي پلڙو اتحادين جي پيٽ ۾ عمران خان جو وڌيڪ ڀاري ٿي وڃي ها ۽ اهوئي ڀاري پلڙو اليڪشن ۾ اتحادين کي خاص ڪري ن ليگ لاءِ برداشت ڪرڻ تمام گهڻو ڏکيو هوءِ ڏکيو آهي. تنهن ڪري هن وقت حالتون ان ٽڪراءِ تي بيٺيون آهن ته آئين جي ميڪاميٽڪ تي عمل ڪندي بحران کي وڌائجي يا ڪو اهڙو حل ڪڍجي، جنهن سان حالتون ٽڪرائن ۾ نه اچن. جئين پاڻ عدالت جي ورچ جو ذڪر ڪري آيا آهيون. اهڙي ئي انداز ۾ خود رياست جي هڪ ٻئي طاقتور اداري اسٽيبلشمينٽ جو پلڙو اتحادين جي پاسي لٽڪيل آهي. عدالتي ورچ اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪومت جو هڪ ٻئي جي ويجهو هجڻ ٻڌائي ٿو ته هاڻي اتحادي حڪومت يقينن اهڙي چال هلندي، جنهن سان معاملا انهن جي حق ۾ وڃن. ن ليگ ۽ اتحادي ايترا ڪمزور رانديگر ناهن. جو پنهنجي سياسي ساک ۽ تاريخ کي ختم ڪري ڇڏين ۽ هن وقت جيڪي حالتون آهن ته خود عدالت جي اندر هڪ طاقتور گروهه سوموٽو ۽ آئين جي سادي تشريح سان متفق ناهن. پلي عمران خان ۽ ان جا حمايتي (پوءِ جيڪي به آهن ۽ جتي به آهن) اهو چاهيندا هجن ته موجوده حڪومت کي صرف ٻه واٽي تي آڻجي، جنهن ۾ هڪ سياسي شڪست جو رستو بچيس ۽ ٻي واٽ هن وٽ ايمرجنسي لڳائڻ جي هجي. ٻئي ڳالهيون عمران خان جي حق ۾ ٿي سگهن ٿيون پر سياست جا شاطر تي راهه ٻه وٺي سگهن ٿا ۽ خود انهن ادارن جي اندر حالتون اهڙيون پيدا ڪجن. جنهن ۾ الٽي گنگا شروع ٿي وڃي. ڪجهه به ٿي سگهي ٿو پر هن وقت هي رياست پنهنجي پوري تاريخ ۾ جيڪي به بحران ڏٺا آهن. هي موجوده بحران خوفناڪي کان وڌيڪ دلچسپ بحران آهي پر بحران ته بحران ئي هوندو آهي ۽ ان لاءِ هي نه سوچڻ گهرجي ته انهيءَ جي سزا صرف سياستدانن کي ملندي پر عوام ان بحرانن جي ڀوڳنا وڌيڪ ڀوڳيندو ۽ رياست پنهنجي ڍانچي ۾ تمام گهڻي ڪمزور ٿي ويندي.

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ ڀانئيس ڪينُ؛
منجهيان ٿِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيئُ؛
جنين ساڻس ويڙُ، تنئي تنين جو واهَرُو.

ترڪيءَ جي ماڻهن جون دلچسپ رسمون ۽ رواج

مهوش عباسي

دنيا جي هر ملڪ توڙي شهر جون پنهنجون روايتون ۽ رسمون هونديون آهن. اهي رسمون اهڙا ته ظاهري ۽ خوبصورت لاڳاپا هوندا آهن. جنهن سبب ڪنهن به قوم شهريا ڳوٺ جا ماڻهو پاڻ ۾ ڳنڍيل رهندا آهن. جن کي اسان "قوميت" سڏيندا آهيون. دنيا سمارٽ ورلڊ ۽ گلوبلائيزيشن جي جديد دور ڪيترين ئي پراڻين ۽ مقامي رسمن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترين ۽ رسمن ۽ رواجن ۾ دنيا اندر نوان پڻ نظر اچي رهي آهي. گلوبلائيزيشن ۽ سياسي گهماگهمي سبب ڪيترن ئي ملڪن پنهنجي قديمي ريتن رسمن ۽ رواجن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. پر اڄ به ڪجهه ملڪ اهڙا آهن. جن جي تهذيب ۽ ثقافت جي خوشبو اڄا تائين ماڻهن جي قومي وجود ۾ محسوس ٿئي ٿي. ترڪي ۾ گذريل 4 سالن جي منهنجي تجربي موجب هي ملڪ به اهڙن ملڪن مان هڪ آهي. ترڪي دنيا ۾ پنهنجي جاگرافي، تاريخ، تهذيب ۽ ثقافتي لحاظ کان تمام گهڻي اهميت رکي ٿو هي هڪ اهڙو دلچسپ ملڪ آهي، جنهن جي جاگرافيائي بيهڪ هن کي ثقافتن ۽ تهذيبن جو سنگم بڻائي ڇڏيو آهي. ترڪي دنيا جي ٻن خطن يعني يورپ ۽ ايشيا کي پاڻ ۾ ملائي ٿو جنهن سبب هن خطي جي ماڻهن، ريتن رسمن، تهذيب ۽ تمدن ۾ توهان کي نواڻ سان گڏ تاريخي جهلڪيون پڻ نظر اينديون. هزارين سالن جي تاريخ کان پوءِ هي رياست آئيني ۽ سيڪيولر جمهوريه جي حيثيت سان وجود ۾ آئي. هن ملڪ جي تهذيب ۽ ثقافت هتان جي ماڻهن لاءِ ڪنهن شاندار دولت کان گهٽ ناهي، شايد اهوئي سبب آهي جو اڄ به ترڪ عوام پنهنجي روز مره جي زندگي ۾ پنهنجي قديمي ريتن رسمن کي ناهي وساريو. يورپ سان سنگم ۽ سيڪيولر وجود هجڻ باوجود هتان جو عوام پنهنجن ابن ڏاڏن جي ريتن رسمن کي نيائڻ پنهنجو شان سمجهي ٿو. هتي جي قديم رسمن بابت منهنجي دلچسپي ان وقت وڌي، جڏهن مون کي اهو ٻڌايو ويو ته منهنجي ترڪش ڪافي جي ڪوپ کي ڏسي هتان جا ماڻهون مون کي منهنجي قسمت ٻڌائي سگهن ٿا. ترڪي ۾ ڪافي جي ڪوپ کي ڏسي قسمت ٻڌائڻ جو رواج سوين سال پراڻو آهي، اهو رواج تڏهن شروع ٿئي ٿو جڏهن توهان پنهنجي ڪافي مڪمل ڪري ڪوپ ٽيبل تي رکو ٿا. ان ڪوپ کي ترڪش ماڻهن پاران پليٽ سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ ان جي ٿڌي ٿيڻ جو انتظار ڪيو ويندو آهي. پوءِ پليٽ کي هٽايو وڃي ٿو ۽ توهان جي مستقبل جو تعين ڪافي جي ڪوپ مٿان بچيل داغ مان ڪري سگهجي ٿو. توهان جي قسمت کي ڪو ماهر ئي وڌيڪ بهتر نموني ٻڌائي سگهي ٿو خاص طور تي ان رواج مان دوستن ۽ دشمن بابت معلومات ڏني ويندي آهي. جنهن کي ترڪ قوم اڄ تائين مڃيندي اچي ٿي. ترڪ قوم جون سڀ کان وڌيڪ ريتون رسمون اسان سنڌن شادين دوران ڏٺيون آهن. هتي اڪثر شاديون خاندان کان ٻاهر ٿينديون آهن. پسند جي شادي هجي يا وري والدين جي پسند جي شادي، مڪمل ڌوم ڌام ۽ خلوص سان ملهائي ويندي آهي. هتي رشتو پڪو ٿيڻ لاءِ ڪنوار جو هٿ پڇڻ پراڻو رواج آهي. پر ترڪ اڄا تائين هن رواج جي پيروي ڪندا آهن. جنهن بعد ڪافي جي تقريب منعقد ٿيندي آهي، ان تقريب ۾ شاديءَ جو فيصلو ٿيڻ کان پوءِ جوڙي جا خاندان ٻيهر ملندا آهن. اها قديمي رسم پابندي سان ڪئي ويندي آهي، جنهن موجب گهوٽ پنهنجي ڪٽنب سميت ڪنوار جي گهر ايندو آهي ۽ ڪنوار سميت گهر جي سڀني ڀاتين کي گلن جا دستا ۽ چاڪليٽ ڏيندو آهي. جڏهن ته ڪنوار گهوٽ لاءِ ترڪش ڪافي ناهيندي آهي. دلچسپ رسم اها آهي ته ڪنوار گهوٽ جي ڪافي ۾ تمام گهڻو لوڻ ملائيندي آهي ۽ گهوٽ کي اها ڪافي پيئڻي پوندي آهي. هتي شادي جي رسمن ۾ مينڌي جي رات پڻ تمام اهم رسمن مان هڪ سمجهي وڃي ٿي، مينڌي جي رات ڪنوار جي گهر ملهائي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪنواريتا ۽ گهوٽيتا گڏ ٿي ڪنوار کي مينڌي لائيندا آهن. ترڪي ۾ شادين دوران مينڌي جي رسم کي ڪنوار لاءِ خوشنودي جي علامت سمجهيو وڃي ٿو ۽ ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته اها رسم انهن لاءِ هڪ قسم جي نعمت آهي. جڏهن ته ان رسم دوران ترڪ ماڻهو پنهنجو ثقافتي رقص پڻ ڪندا آهن. ان رقص ۾ هو سڀ هڪ وڏو گول دائرو ناهي هڪ ٻئي کي چيلهه ۾ پاڪر پائي ترڪش ناچ نچندا آهن. جڏهن ته اهو ناچ سڄي سڄي رات هلندو آهي. هتان جي عورتن ۾ سون جو ڏينهن تمام گهڻو مشهور آهي. هاڻي توهان سوچيندا هوندئو ته اهو وري ڪهڙو ڏينهن آهي؟ ترڪش عورتون سون جون تمام گهڻيون شوقين آهن. شادي ۾ به سون جي ڏي وٺ تمام گهڻي ڪئي ويندي آهي، خاص ڪري گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي 30 تولن کان مٿي سون ڏئي، اهو هتي تمام ضروري آهي. پر سون جو ڏينهن هڪ الڳ قديمي رسمي ڏينهن آهي، جنهن جو تعلق زيورن سان نه پر سون، چاندي ۽ قيمتي سڪن سان آهي. هي هڪ اهڙو ڏينهن آهي جيڪو ترڪش عورتون پنهنجي ميل جول لاءِ ملهائينديون آهن. ان ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ اهي پنهنجي پاڙيسري سهيليءَ جي گهر قيمتي سڪا ڪٺي گڏجنديون آهن. ترڪي جون عورتون پاڻ ۾ ملاقات جو خاص ڏينهن طئي ڪنديون آهن. جنهن ۾ هو ميزبان عورت جي گهر وينديون آهن ۽ سمورا سڪا ڪيس تحفي ۾ ڏينديون آهن. جڏهن ته بدلي ۾ هو ميزبان عورت جي گهر جي دعوت مان لطف اندوز ٿينديون آهن. اهڙي ريت هر گڏجاڻي ۾ مهمان بدلي ۾ ميزبان لاءِ سون جو سڪو آڻيندو آهي ۽ اهو دائرو هلندو رهندو آهي ۽ ميزبان جو گهر تبديل ٿيندو رهندو آهي. ان گڏجاڻي جو مقصد هڪٻئي سان رابطي ۾ رهڻ، ميل جول رکڻ ۽ هڪٻئي جي صحبت مان سکڻ هوندو آهي، جڏهن ته سڪا هونئن به ڪنهن به هڪ عورت جي ملڪيت ناهن رهندا ۽ اهو رواج سوين سالن کان هلي رهيو آهي. هتان جي مردن ۾ به ميل جول قائم رکڻ لاءِ هڪ رواج موجود آهي، هي رسم ترڪي جي ڏکڻ اوڀر ۾ خاص طور تي سنهورفا صوبي ۾ ٿيندي آهي. هن ۾ رات جي دوران گوشت جا طعام ناهيا ويندا آهن ۽ رڪي جيڪا هڪ مشهور ترڪش مشروب آهي، اها پيتي ويندي آهي. ان دعوتي ميل جول دوران مرد ڪائيندا پيئندا، گيت ڳائيندا، رانديون ڪيڏندا ۽ ساز وڄائيندا آهن. ترڪش مرد پنهنجي ان گڏجاڻي دوران پئسا پڻ گڏ ڪندا آهن، جيڪي ڪنهن به غريب جي مدد ڪرڻ لاءِ، ڪنهن شاديءَ ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ، ڪنهن جنازي جي تدفين جو انتظام ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. اهڙي ريت ترڪش ٻيون به ڪيترين ئي ريتون ۽ رسمون اڄ به ملهائن ٿا، جن ۾ گهرن اندر نظر کان بچڻ ۽ نظر لاهڻ جا قديمي طريقا، اشارن ۾ ڳالهه سمجهائڻ جا رواج، عيد جي ڏينهن ٻارن ۾ خرچي ۽ چاڪليٽ ورهائڻ، رمضان ڪريم جي مهيني ۾ سحري دوران دهل وڄائي ماڻهن کي اٿارڻ سميت ڪيترائي ٻيا به رواج شامل آهن.

بقايا 01 *

چيو ته سنڌ حڪومت عالمي معيار جو ميڊيڪل انفراسٽرڪچر ناهيو آهي، جيڪو ٻين صوبن کان ڪافي اڳتي آهي. هن چيو ته گمبٽ انسٽيٽيوٽ صوبائي نه پر حقيقي طور تي هڪ قومي ادارو آهي، جتي ٻين صوبن کان علاوه آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان مان به مريض علاج لاءِ اچن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ سنڌ حڪومت جو ڪردار ايترو ته تباهه ڪيو ويو آهي جو عوام گمبٽ جهڙن ادارن جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ تي ڀروسو نٿو ڪري. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيڪڏهن سياسي پارٽين کي اسپيس ڏني وڃي ها ۽ نفرت، ورهاڱي ۽ گار گند جي سياست بدران ڊليوري، نظريي ۽ منشور جي سياست تي مقابلو ڪيو وڃي ها ته اهو ملڪ ۽ قوم لاءِ فائديمند ٿئي ها. هن چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته طاقتور طبقي هتي جي هر نسل سان ڪيڏيو آهي. هن تاريخي حوالا ڏيندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي عالمي طاقت بڻائڻ وڃي رهيو هو ۽ سندس دور ۾ دنيا جي اڳيان هڪ اهڙو پاڪستان هو جيڪو وڏين طاقتن وچ ۾ صلح ڪرائيندو هو. هن چيو ته جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو وزيراعظم هئي ته دنيا جا وزيراعظم ۽ صدر پاڪستان جي وزيراعظم جي پٺيان ڊوڙندا هئا. هن چيو ته جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو ملڪ جي قيادت ڪري رهي هئي ته هيلري ڪلنٽن جهڙيون شخصيتون به سندس دستخط وٺڻ لاءِ قطار ۾ بيٺيون انتظار ڪنديون هيون. پ پ چيئرمين چيو ته صدر آصف علي زرداري ملڪ جو طاقتور ترين سول صدر هو پر هن پنهنجا سمورا اختيار پارليامينٽ کي ڏنا. اڄ ڏسون ٿا ته چيف جسٽس پنهنجا اختيار پنهنجي ساٿي ججن سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪ چين اقتصادي راهداري جيڪا پاڪستان جي معيشت جو سنگ ميل آهي، صدر آصف علي زرداري رکيو. تاريخي پس منظر پيش ڪرڻ بعد پ پ چيئرمين سوال ڪيو ته ان سموري خدمتن جي جواب ۾ ڪيس ڇا ڏنو ويو؟ ان سوال جي جواب ۾ هن چيو ته انهن ٿي عدالتن قائد عوام کي موت جي سزا ڏني ۽ اڄ تائين ڪنهن به جج کي شرم ناهي آيو ته قائد عوام سان انصاف ڪري. سڄي پاڪستان کي ليڪچر ڏين ٿا ته ڪريٽ ڪير آهي ۽ سسلين مافيا ڪير آهي. هتي اسان جي لاڙڪاڻي ۾ اچي جج کي جمات وهائيندا آهن. هن چيو ته محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ مان پاڻ به انهن ٿي عدالتن ۾ ويو آهيان ۽ درخواست ڏني هئي ته مان قائد عوام جو ڏهٽو آهيان، مان توهان جي سامهون صدارتي ريفرنس جو حصو ٿيڻ چاهيان ٿو ۽ توهان ڪيس ٻڌو. اڄ تائين ڪنهن به جج شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪيس ناهي ٻڌو. پرڏيهي وزير نشاندهي ڪئي ته جڏهن موجوده چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هو ته هن ننڍن صوبن جي حقن کي نظرانداز ڪندي ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جو حڪم ڏنو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته محترمه بينظير ڀٽو کي به شهيد ٿي وئي. پر آمرن سان گڏجي ملڪ تي حڪومت ڪندڙ ججن انصاف نه ڪيو. هن چيو ته اڄ اڳوڻي اسٽيبلشمينٽ سميت هر ڪو مڃي ٿو ته انهن آئين ۽ جمهوريت تي ڌاڙو هڻي عمران خان کي قوم تي مسلط ڪيو. ڇا ان وقت انهن ججن کي ڪجهه نظر نه آيو؟ جڏهن فريال ٽالپر کي اسپتال جي بيڊ تان اٿاري جيل ۾ قيد ڪيو ويو، ته ان وقت پاڻمرادو نوٽيس ڪٿي هو؟ ان وقت به پاڻمرادو نوٽيس ڪٿي هو جڏهن عمران خان پنهنجي حڪومت ناهڻ ۽ بجيٽ پاس ڪرائڻ لاءِ آءِ ايس آءِ کي استعمال ڪري رهيو هو؟ پ پ چيئرمين خبردار ڪيو آهي ته تخت لاهور جي ويڙهه سڄي ملڪ کي ٻوڙي سگهي ٿي. هن چيو ته مون نظام کي هلائڻ ۽ ان اميد تي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڪيس ۽ نه ئي قائد عوام جي عدالتي قتل ڪيس تي انصاف نه ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به سخت لفظ استعمال نه ڪيا آهن ته شايد هو پاڻ سوچين. پر هاڻي مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن اسان شريف ٻچي سياست ڪنداسين ته اسان جون ايندڙ ٽي نسلون قائد عوام ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو لاءِ انصاف جو مطالبو ڪنديون رهنديون. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جمهوري ۽ نظرياتي پارٽي آهي ۽ منشور جي سياست ڪندي آهي. پر اسان هاڻي پردو نه رکنداسين. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن اداري ۾ ڪجهه ماڻهو ضد تي لٿا آهن ته انهن کي سياست ڪيڏي آهي ته مان تيار آهيان. اسان ڄاڻون ٿا ته سياست ڪيئن ٿيندي آهي ۽ هر غير جمهوري حملي جو جواب ڏينداسين. هن چيو ته اسان کي خبر آهي ته پاڪستان کي ون يونٽ بڻائڻ، ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ ۽ صوبن جا حق کسڻ جو پلان اسان تي سليڪٽيڊ جي ناليءَ تي مسلط ڪيو ويو. اڄ به ان ئي نظريي جا پيروڪار هر اداري ۾ موجود آهن. جڏهن ته اسان نيوٽرل نيوٽرل ڪيڏي رهيا هئاسين، هو پنهنجي خان لاءِ سازش ڪري رهيو هو. هن واضح ڪيو ته اسان پاڪستان جي عوام آڏو ان ٽولي جي سازش کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پ پ چيئرمين سنڌ جي وڏي وزير کي هدايت ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت پنهنجي عوامي مينڊيٽ جي تحت پنهنجون ذميواريون نڀائي ۽ ڪم جاري رکي. هن چيو ته هو پاڻ تخت لاهور تي ويٺي غيرجمهوري قوتن ۽ ڪٺ پتلين کي جواب ڏيندو. ان موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه، وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه، اڳوڻو وڏو وزير قائم علي شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 02 *

ته بعد ۾ ان ڳالهه جي ترديد ڪئي وئي ته آصف زرداري دبئي ۾ رهڻ دوران پنهنجو چيڪ اپ ڪرايو. اڳوڻي صدر جي نه سرجري ٿي ۽ نه ئي ڪيس اسپتال داخل ڪرايو ويو.

بقايا 03 *

ڪيو. ڪنهن به عدالت ڪڏهن به ڪنهن ڊڪٽيٽر جي سامهون بيهڻ جي همت ناهي ڪئي پر انهن جو ساٿ ڏنو. عمران خان کي ٻن ڪلاڪن اندر ضمانت ملي ويندي آهي. 3_4 چار جج عمران خان سان گڏ جڏهن ته ٻيا عوام سان گڏ آهن. مريم نواز وڌيڪ چيو ته ڪڏهن ڪنهن ڊڪٽيٽر کي سيسلين مافيا جو لقب ناهي ڏنو ويو. ڪنهن آمر کي نااهل ناهي ڪيو ويو، جڏهن به نااهل ڪيو ويو ته صرف چونڊيل وزيراعظم کي ڪيو ويو. 3_4 جج عمران خان جا جڏهن ته ٻيا ججز عوام سان گڏ بيٺل آهن هڪ ڊڄڻو انسان پاڻ کي اڳواڻ چوي ٿو. جڏهن هو گهر مان نڪرندو آهي ته پنهنجي منهن کي ڪاري ڊٻي سان ڍڪي پوءِ نڪرندو آهي. عمران خان ۽ سندس سهولتڪارن کي خبر آهي ته هو ڏوهاري آهي. مريم نواز وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ وارا به ججز جي توهين ڪندا رهيا آهن. ٽولن جي صورت ۾ عدالت ويندا آهن. اسان ته ڪڏهن به اهو سوچي به نٿا سگهون. نااهلي کان نٿي ڊڄان 6 سال نااهلي ڀوڳي چڪي آهيان. پنج رڪني بينچ چيو ته عمران خان آئين ٽوڙيو آهي، ڇا آئين ٽوڙڻ ننڍو ڏوهه آهي؟ ان باوجود لاڏلي کي سزا نه ملي. عمران خان ۽ سندس سهولتڪارن ڪمن جي لسٽ ناهي رکي آهي. ثنين چيف جسٽس جي اچڻ کان اڳ هنن کي جيڪا سهولتڪاري ڪرڻي آهي ڪري وٺن. عمران خان جا سهولتڪار ججز ثنين چيف جسٽس جي اچڻ کان اڳ چونڊون چاهين ٿا. مريم نواز چيو ته اتي لاءِ لڳايل لائنون ننڍيون، جڏهن ته انصاف گهرڻ وارن جون لائنون ڊگهيون آهن. اوهان ان شخص کي اقتدار ۾ آڻڻ چاهيو ٿا جنهن ڪرپشن ڪئي. موجوده بينچ سهولتڪاري جي ذميواري کنئي آهي. عمران خان جي پٺيان 3_4 ججز آهن جيڪڏهن انهن کي هٽايو ويو ته هو هيٺ ڪري پوندو.

بقايا 04 *

چيو ته اهي تڪراري چونڊون ملڪ ۾ تباهي آڻينديون ان کان اڳ 1971 ۽ 77 جون چونڊون به تڪراري هيون. هڪ چونڊ ملڪ کي ٽوڙيو جڏهن ته ٻئي چونڊ دهشتگردي ڏني. گهرو وزير چيو ته جيڪڏهن ٽيون ڀيرو چونڊون تڪراري ٿيون ته ان سان ملڪ ۾ تباهي ايندي. اسان اهڙي تباهي جي خلاف آهيون. اسان جي اهڙي موقف جي سپريم ڪورٽ ججز جي اڪثريت به مڃيو آهي. راڻا ثناءُالله وڌيڪ چيو ته هڪ ماڻهو پنهنجي انا ۽ ضد تي قائم آهي، ڪڏهن هو لانگ مارچ ۽ ڪڏهن عوام ذريعي چونڊون چاهي ٿو. چونڊون ضرور ٿين پر وقت ۽ سمورن اسٽيڪ هولڊرز جي مرضي ۽ راءِ سان. جن چونڊن تي سياسي پارٽين، اليڪشن ڪميشن ۽ ٻين ادارن جو به اتفاق ناهي ته اهڙيون چونڊون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون.

بقايا 05 *

ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ٿينديون. ڪاغذن جي نامزدگي ۾ اپيلون داخل ڪرڻ جي آخري تاريخ ڏهه اپريل هوندي. نوٽيفڪيشن موجب اپيليٽ ٽربيونل اپيلن تي فيصلا 17 اپريل تائين ڪندو ۽ اميدوارن جي نظرثاني ٿيل فهرست 18 اپريل تي جاري ٿيندي. پڌرائي موجب ڪاغذن جي نامزدگي واپس وٺڻ جي آخري تاريخ 19 هين اپريل هوندي ۽ اميدوارن کي چونڊ نشان ويهه اپريل تي جاري ڪيا ويندا. ياد رهي ته چار اپريل تي سپريم ڪورٽ پنجاب اسيمبلي جون چونڊون 14 مئي تي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو.

بقايا 06 *

ڪئي، مسرت جمشيد چيمه جي وڪيل پنهنجي موقف ۾ چيو ته جي آءِ ٽي جي جوڙجڪ غيرقانوني آهي، جي آءِ ٽي حڪومت ناهي ناهي جڏهن ته جي آءِ ٽي جي جوڙجڪ لاءِ حڪومت ئي حڪم جاري ڪري سگهي ٿي. سرڪاري وڪيل ٻڌايو ته هن معاملي جي شفاف جاچ لاءِ جي آءِ ٽي ناهي وئي جنهن ۾ سمورن کاتن جا ماڻهو شامل آهن عدالت سرڪاري وڪيل کان تفصيلي رپورٽ جمع ڪرائڻ جو چيو ته فواد چوڌري جي استدعا ڪئي ته عدالت جي آءِ ٽي کي ڪم کان روڪي. عدالت چيو ته اسان صرف سرڪاري وڪيل کان رپورٽ گهري رهيا آهيون، حڪم امتناع نه پيا ڏيون. فواد چوڌري چيو ته هڪ ڏينهن ۾ عمران خان تي دهشتگردي جا 15 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. عدالت چيو ته اڄان عدالت جي سامهون اهو سوال به آهي ته جيڪڏهن پوليس نه ته پوءِ جاچ ڪير ڪندو. جسٽس فاروق حيدر چيو ته عدالت کي اهو به ڏسڻو آهي ته جي آءِ ٽي جي جوڙجڪ لاءِ ڪابينه کان منظوري ورتي ويندي يا نه. جنهن کان پوءِ ڪيس جي ٻڌائي سومر تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 07 *

اسٽيبلشمينٽ پاڪستان ۾ هڪ حقيقت آهي، ستر سالن کان جيڪو انهن جو ڪردار آهي، اسان ڪڏهن به ناهي چيو ته اسٽيبلشمينٽ پنهنجو رستو وٺي، ايئن نه ٿيندو. پرسول ملٽري تعلق ۾ توازن هجڻ گهرجي هو جو ته جونڊيل حڪومت وٽ جيڪڏهن اختيار ناهي ۽ اهي اختيار ڪنهن ٻئي وٽ آهن ته ڪو به انتظامي نظام ڪم نٿو ڪري سگهجي، چيو ته سياسي پارٽي وچ جو رستو ڳولهيندي آهي پر اليڪشن جي ذريعي سياسي استحڪام بنا معيشت سنڀالجي نٿي سگهجي. اليڪشن ۾ پنهنجو موت نظر اچي رهيو آهي. تحريڪ انصاف 30 ضمني چونڊون کٽيون. ان جي باوجود اسٽيبلشمينٽ پوري طرح ان جي حمايت ڪري رهي هئي. اليڪشن ڪميشن غيرجانبدار نه هئي، انهن کي پنجاب ۾ ناڪامي جو خوف آهيپي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو ته مارشل لا جون ڌمڪيون غير آئيني آهن. پاڪستان ۾ مارشل لا جا ڏينهن هليا ويا. اڳتي ٿي اسان جون حالتون خراب آهنهن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن اوهان سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي تسليم نٿا ڪريو ته ان جو مطلب پاڪستان ۾ قانون ختم ٿي ويو، جهنگ جي قانون طرف وڃي رهيا آهيون. ايئن نٿو ٿي سگهي.

بقايا 08 *

خان ٻن صفحن تي ٻڌل لکت واري فيصلي ۾ عمران خان جي ضمانت نه ٿيڻ جوڳن گرفتاري وارنٽس کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ ڪالعدم قرار ڏنا وڃن ٿا. ٽرائل ڪورٽ عمران خان جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري. عمران خان جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو برقرار رکيو ويو آهي. لکت واري حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته جاچ آفيسر ٻڌايو ته عمران خان جي رهائشگاهه تي وارنٽ جي تعميل ناهي ڪئي وئي. لکت واري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سيشن عدالت جو ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ جو فيصلو برقرار آهي ۽ ٽرائل ڪورٽ کي سيشن عدالت جو فيصلو نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي ها. عدالت عمران خان جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا 09 *

تي سوال پڻ اٿاريا ويا آهن. جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري تي ٻڌل بينچ طرفان جاري ڪيل فيصلي موجب هڪ به ثبوت نظر ناهي آيو ته عارف نقوي جي اماڻيل رقم ڏوهه جي رقم هئي. ايف آءِ آر ۾ لڳايل الزامن جو عمران خان يا طارق شفيع سان ڪو به تعلق نه آهي. عمران خان ته ڪنهن به هڪ بينڪ دستاويز تي صحيحون ناهن ڪيون. فيصلي ۾ لکيو ويو آهي ته بينڪ اختيارين بابت اختيار اسٽيٽ بينڪ جو آهي، جنهن ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. اسٽيٽ بينڪ طرفان ڪا به جاچ نه ڪئي وئي ته نه ئي تحريڪ انصاف جي ڪنهن ٽرانزيڪشن کي غيرقانوني چيو ويو. لکت واري فيصلي موجب هڪ الزام پي ٽي آءِ اڪائونٽ کي ٽئون پاڪستان اڪائونٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو آهي جيڪو ڪو به ڏوهه نه آهي. ڪيس جي جاچ آفيسر اسٽيٽ بينڪ اختيارين جو به ڪو به بيان قلمبند ناهي ڪيو. فيصلي موجب ايف آءِ اي مطمئن ناهي ڪري سگهي ته عمران خان جي ضمانت رد ڇو ڪئي وڃي. بينڪنگ ڪورٽ صحيح چيو آهي ته ڪيس ۾ سمورين شاهدين دستاويزي آهن ۽ ان لاءِ گرفتاري جي ضرورت ناهي. فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ايف آءِ اي طرفان عمران خان جي ضمانت ملتوي ڪرڻ جي درخواست رد ڪئي وڃي ٿي.

بقايا 10 *

قتل ڪيو ويو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد جو لقب ڏيڻ لاءِ آصف علي زرداري ريفرنس موڪليو اسان پريشر سبب لقب نه ڏئي سگهياسين. صحافين سان ڳالهيون ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، سچل سرمست وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو. هن انسانيت جي خدمت جو پرچار ڪيو. اڄ سچل سرمست جي مزار تي حاضري ڀرڻ سان دل کي سڪون مليو آهي. رمضان المبارڪ ۾ سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏنو آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ڪي خاندان کي 2000 روپيا ڏئي رهيا آهيو آبادگارن کي في ايڪڙ 5000 ٻج جا ڏنا آهن اليڪشن ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس جي اهلڪارن کي جلد جديد هٿيار فراهم ڪيا ويندا جيئن ڏوهارين جو خاتمو اچي سگهي ٿي. برسات سبب ڪيترائي خاندان بي گهر ٿيا آهن انهن جي گهر کي ٻيهر تعمير ڪرائڻ جو ڪم پوري سنڌ ۾ شروع ڪيو ويو آهي اسان ڪن مجبورين سبب درگاهه سچل سرمست تي نه اچي سگهيا آهيون هاڻي هڪ ٽيم موڪلي رهيا آهن جنهن ڪيترائي ميگا پراجيڪٽ ڏنا ويندا.

بقايا 11 *

. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل ٽوئيٽ ۾ هن چونڊ التوا ڪيس بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي خيالن جو اظهار ڪيو هن چيو ته عدالت مشڪل وقت ۾ بهتر فيصلو ڏنو، ايمرجنسي لڳائڻ يا مارشل لا جون ڳالهيون ڪندڙ ڏيهاريندڙ خواب ڏسڻ ڇڏي ڏين. شيخ رشيد چيو ته 85 رڪني ڪابينه جو جمعي بازار سپريم ڪورٽ جو فيصلو رد نٿو ڪري سگهي. شهباز شريف حڪومت نااهلي يا انارڪي مان هڪ جي لاءِ تيار ٿي وڃي. عوام جو نالو رياست آهي، جيڪڏهن عدليه جو فيصلو نه مڃيو ويو ته هر گهٽي رستي تي بغاوت ٿيندي. اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي شيخ رشيد چيو ته نوازشريف جي مايوس ڪندڙ پريس ڪانفرنس سڀني ڏٺي جنهن ۾ هن جي مايوسي صاف ظاهر نظر اچي رهي هئي، هي هاڻ سعودي عرب جا سرڪاري مهمان بڻجي خيرات گهري رهيا آهن.

بقايا 12 *

طور تي ڏنل رقم جي تحقيقات جي الزامن کي منهن ڏئي، هن پنهنجي پاڻ کي اختيارين حوالي ڪيو عدالت ٻاهران سندس حامي ۽ مخالف وڏي انگ ۾ موجود رهيا، 76 سالن جو ٽرمپ ڀهريون اڳوڻو يا موجوده آمريڪي صدر آهي جنهن کي مجرماڻي الزامن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، ياهو نيوز چيو ته ٽرمپ کي ڪاروباري رڪارڊ ۾ جعل سازي سميت 34 سنگين ڏوهن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ٽرمپ جي ٽيم چيو آهي ته هو فردجرم کي تسليم نه ڪندو نه ئي الزامن کي قبول ڪندو. نيويارڪ جي ميئر هنگامو ڪندڙن کي خبردار ڪيو آهي، ٽرمپ خلاف ڪارروائي دوران پرتشدد احتجاج تي گرفتاريون ڪيون وينديون.

بقايا 13 *

جي ترقياتي ڪمن ۾ ڪميشن وٺڻ جي حوالي سان جاچ لاءِ طلب ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب زرتاج گل ۽ سندس مڙس همايون آخوند تي ترقياتي اسڪيمن جي فنڊزجي فراهمي تي 10 سيڪڙو ڪميشن وٺڻ جو الزام آهي. اينٽي ڪرپشن ڊوالپمينٽ پروگرام (3) اسڪيمن جو رڪارڊ به طلب ڪندي زرتاج گل، همايون آخوند ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي آفيسرن کي 10 اپريل تي طلبي جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف 70 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ 50 ڪلو ميٽر ڊگهي روڊ جي تعمير ۾ بدعنواني ڪيس ۾ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير عثمان بزدار کي 10 اپريل تي طلب ڪري ورتو آهي. اڳوڻي وڏي وزير هاءِ وي کاتي جي آفيسرن ٺيڪيدارن جي ملي ڀڳت سان ڪرپشن ڪئي، تعمير ۾ ناقص ميٽيريل جي استعمال سان روڊ وقت کان اڳ زبون حال جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. عثمان بزدار پنهنجي ذاتي رهائشگاهه تي سرڪاري فنڊ مان ڪروڙين روپيه خرچ ڪيا. هن قبرستان جي چارديواري جي تعمير لاءِ 6 ڪروڙ روپين جا ٺيڪا ڏنا جنهن ۾ ڪميشن پڻ وصول ڪئي وئي. جڏهن ته هن پنهنجي ويجهي مائٽ ڊاڪٽر اعجاز لغاري کي نيڪن جي مد ۾ ڪروڙين روپين جو فائدو پڻ پهچايو.

بقايا 14 *

آئين جو قتل قرار ڏنو آهي. سپريم ڪورٽ جي ڪوريج ڪندڙ سينيئر صحافي عبدالقيوم صديقي جو چوڻ آهي ته 4 اپريل 1979ع تي ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو هو ۽ ٺيڪ 44 سالن بعد ذوالفقار ڀٽو جي ورسي ڏهاڙي 4 اپريل 2023ع تي آئين جو عدالتي قتل ٿيو آهي. ٽن ججن چونڊن بابت 4 ججن جو فيصلو رد ڪندي صدر، گورنر جي آفيس ۽ آئيني اداري اليڪشن ڪميشن جا اختيار استعمال ڪندي نه صرف چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو آهي پر چونڊن جو شيڊول به پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. ناميارو صحافي حسنات ملڪ جو چوڻ آهي ته جڏهن کان چيف جسٽس آيو آهي تڏهن کان جڊيشل آمريت نظر اچي رهي آهي پر هاڻي لڳي ٿو ته اها پڄاڻي واري مرحلي تي اچي وئي آهي. صحافي ناصر اقبال جو چوڻ آهي ته جيڪو فيصلو آيو آهي ان جي اميد ته هئي پر افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته عدالت اليڪشن ڪميشن کي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏيڻ بدران شيڊول به ڏئي ڇڏيو ۽ نگراني جي ذميواري به ڪٿي ورتي آهي ته پوءِ اليڪشن ڪميشن جي آئيني حيثيت ڪهڙي آهي، بهتر هيو ته هن حڪومت کي گهر موڪلي عمران خان کي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ جو حڪم ڏنو وڃي ها ته ملڪ ۾ سڪون ٿي وڃي ها. صحافي طيب بلوچ چيو ته بلاول ڀٽو جي بقول واقعي 3 جج اصل ۾ ٽائيگرفورس ثابت ٿيا آهن.

بقايا 15 *

لا کي قبول نٿا ڪري سگهن. قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي وفاقي وزير اسد محمود چيو ته هن ناانصافي ڪئي ۽ انصاف جو جنازو ڪڍي ڇڏيو. خدا جو قسم هو آئين ۽ جمهوريت کي به قائم رکندا. هن چيو ته هي جڊيشل مارشل لا قبول نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن عدالت اندر اتفاق راءِ پيدا نه ڪري سگهيا ته توهان کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڏسڻو پوندو. وفاقي وزير چيو ته هو ان فيصلي تي عمل نه ڏينداسين. وزيراعظم توهان کي اڪيلو نه ڇڏيندو ۽ نه ئي آئين ۽ پارليامينٽ کي اڪيلو ڇڏيندو.

بقايا 16 *

ڏکڻ ضلعي ڪيپٽن رٽائرڊ محمد سعيد لغاري ڪئي. اجلاس ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي شهادت جي موقعي تي صفائي سٿرائي، امام بارگاهن ۾ روشنين جي انتظامن. امن امان جي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ضلعي کي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ڏکڻ ضلعي ۾ ڪيترين ئي امام بارگاهون آهن جن ۾ علائقائي مجلسن کان علاوه علائقائي مجلسون به منعقد ٿينديون آهن. ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ کي هدايتون ڏيندي چيو ته سمورن امام بارگاهن ۽ ٻين مجلسن ۽ مرڪزي جلوسن جي گذرگاهن تي صفائي سٿرائي ۽ روشني جا مناسب انتظام ڪيا وڃن ۽ سڪيورٽي جي حوالي سان ٺوس قدم کنيا وڃن. هن چيو ته عزادار حضرت علي ڪرم الله وجهه کي مذهبي رسمن جي ادائگي لاءِ تمام ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ سمورن ضلعي انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايتون ڏنيون ته ان موقعي تي عوام کي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي پيش نه اچي، ان لاءِ اڳواٽ ئي ٺوس منصوبابندي سان قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ پاڪستان جعفريه الائنس جي آفيسن سميت پوليس، پاڪستان رينجرز، سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، ڪي ايم سي، ڊي ايم سي، ايس ايس جي سي، ڪي اي، فائر برگيڊ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ، سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ، اسڪائوٽس جي عملدارن شرڪت ڪئي. ٽريفڪ پوليس ۽ امام بارگاهن جي منتظمين ۽ لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪيپٽن رٽائرڊ محمد سعيد لغاري چيو ته هو ذاتي طور تي 21 رمضان المبارڪ جي مرڪزي جلوس جي گذرگاهن ۽ ان جي آس پاس جي صفائي سٿرائي ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺندو. ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 17 *

مان اغوا ٿيل فضيلا لغاري کي بازياب ڪرايو وڃي. ڪيس داخل ڪيو ويو آهيناري جي والد رانجهو لغاري جي فرياد تي ستار جمالي سميت 4 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو هوپوليس جو چوڻ آهي ته ناري کي وومين چائلڊ پروٽيڪشن جي انچارج ۽ دادو پوليس بازياب ڪرائي ورتو. وڌيڪ جاچ جاري آهيجڏهن ته بازياب ڪرايل قبضو واسڻ ناري فضيلا لغاري کي وومين پروٽيڪشن سيل منتقل ڪيو ويو آهيپوليس جو چوڻ آهي ته فضيلا لغاري ۽ اغوا جي الزام هيٺ آيل ستار جمالي کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندوفضيلا لغاري جي ستار جمالي سان پسند جو پرڻو ڪرڻ بابت بيان واري وڊيو به سامهون اچي وئيرانجهو خان لغاري ڌيءَ فضيلا جي اغوا واري ڪيس ۾ ڪيس منور لغاري جي زال ڄاڻايو آهي.

بقايا 18 *

۾ 30 ملين روپين جي اسڪيم شامل ڪئي ويندي. گيانچند ايسراڻي اهڙو اعلان جهولي لعل درگاهه اڏيرو لعل تي ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته نصرپور درگاهه هندو برادريءَ لاءِ مقدس جاءِ آهي. ان موقعي تي گيانچند ايسراڻي اقليتي معاملن واري کاتي پاران سائين امراڏيرو لال درگاهه تي 30 ملين روپين جي لاڳت سان مختلف ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو جنهن ۾ درگاهه جي اندرين ۽ ٻاهرئين حصي ۾ پيور بلاڪ جو ڪم، زائرين لاءِ 2 هال، چئني پاسن ديوارن جي ٽائلس جو ڪم شامل آهن. صوبائي وزير اعلان ڪيو ته درگاهه لاءِ 50 ڪي وي سولر سسٽم جي اسڪيم جي به منظوري ڏني وئي آهي، جنهن تي مرحليوار ڪم شروع ڪيو ويندو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي کانسواءِ ملڪ ۾ اقليتي برادري جي احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪندڙ ڪا به سياسي پارٽي ناهي . اقليتي برادري جي خدمت اسان جي لاءِ عبادت آهي. گيانچند ايسراڻي چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايتن تي اقليتي برادري جي مقدس جاين تي سوين ترقياتي منصوبن تي ڪم هلي رهيو آهي. مندرن، آشرم، شمشان گهاٽ، گرودوارن ۽ ٻين هنڌن تي هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي مان پاڻ نگراني ڪري رهيو آهيان. صوبائي وزير متياري ضلعي خاص ڪري شيڊول ڪاسٽ هندو برادري جي ڀلائي لاءِ 30 ملين روپين جي اسڪيمن جو پڻ اعلان ڪيو. صوبائي وزير چيو ته 30 ملين روپين جون 8 اسڪيمون منظور ڪيون ويون آهن جن تي جلد ڪم شروع ڪيو ويندو. تقريب ۾ شيلو مل، راجا آسر مل منگهلاڻي، وشنومل، ويرسي مل، ڀهلاج راءِ، چيتن مل، هريش مڪيش ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 19 *

ترتيب ڏئي ۽ ملڪ جي تشڪيل نو سان آئين ۾ سمورين ايڪائين کي برابري جي بنياد تي حق ڏنا وڃن. اهڙن خيالن جو اظهار هن سماجي ويب سائيٽ تي سنڌي نوجوانن پاران پڇيل مختلف سوالن جا جواب ڏيندي ڪيو هن چيو ته سنڌ جي سمورين مصيبتن جو سبب سنڌ جي اقتداري ايوانن مٿان مڙهيل جاگيردار طبقو آهي جنهن سدائين سنڌ جي مفادن جو سودو ڪيو آهي ان لاءِ جيستائين سنڌي ماڻهو پنهنجي ووٽ جو درست استعمال نه ڪندا تيستائين سنڌ مٿان مصيبتون ختم نه ٿينديون. هڪ نوجوان جي سوال جي جواب ۾ چيو ته پ پ پ گذريل پندرهن سالن کان اقتدار ۾ رهندي پئي اچي پر هن سنڌ جي اندر ڇا ڪيو آهي اهو ڪنهن کان لڪل ناهي. سنڌ جي قومي مفادن خلاف فيصلا زمينن تي والاٽ ڌارين آبادڪاري کي منظم سازش تحت سنڌ ۾ آڻڻ جهڙن ڏوهن کان ويندي هنن جي حڪمراني ۾ سنڌ جو سمورو انفرا اسٽرڪچر تباهه آهي ۽ ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ، پنهنجا نوازي، انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو سلسلو عروج تي آهي پ پ پ هاڻي عوامي نه پر وڏيرن پوتارن ۽ جاگيردارن جي پارٽي آهي ان مان ڪا به بهتري اميد ناهي ته وري ڪنهن به اهڙي پارٽي ۽ اتحاد مان اميد رکي سگهجي ٿي جنهن ۾ اهو ساڳيو طبقو ويٺل هجي. انڪري سنڌ جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس ۽ پورهيت طبقي کي متحد ٿيڻ پوندو پاڻ مان نمائندا چونڊي ايوانن ۾ موڪلڻا پوندا.

بقايا 20 *

گهر جا ڪاغذ به ڪٽي ويا ۽ گهران ڪڍي ڇڏيو آهي منهنجي ڌيءَ عروشه تي به تشدد ڪندو رهيو آهي. زخمي حالت ۾ سڄي رات منگهو پير ٿاڻي تي ويٺل رهيس، پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بدران چوي ٿي ته گهريلو جهيڙو آهي پاڻ وڃي نبيرپوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار ذيشان کي گهرايو اٿئون پر هو ٿاڻي تي نه ٿو اچي.

بقايا 21 *

۾ موبائيل فون ڦٽي ڪئي هئي، جوابدار وقاص ان مان سم ڪڍي ڇڏي هئي. ڪيس ۾ بسما جو ڪردار به شاهد اراڏتا جهڙو آهيوڪيل دليل ڏنا ته اراڏتا کي ته شاهد بڻايو ويو پر بسما کي جوابدار بڻائي پيش ڪيو ويو پوليس جو موقف آهي ته واقعي واري ڏينهن جوابدارن بسما ۽ شان سليم مقتول جي فون جوابدار وقاص کي ڏني هئيڊاڪٽر بسما جي قتل ڪيس ۾ ڊاڪٽر شان سليم، وقاص ۽ بسما گرفتار ٿيل آهن ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڏکڻ جي عدالت بسما کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 22 *

بيان ۾ ڪيو هن چيو ته جنهن به پي ٽي وي تي حملو ڪرايو پارليامينٽ جو تقدس پامال ڪيو ۽ پاڪستان ۾ پوليس تي حملو ڪيو اهو آزاد آهي. جڏهن ته ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪا ۾ ڪيپيٽل هل تي حملي ڪانپوءِ جيل ۾ آهي. صوبائي وزير چيو ته پاڪستاني ٽرمپ جا سمورن ادارن ۾ سهولتڪار موجود آهن پر آمريڪي ٽرمپ غريب سهولتڪارن کان محروم آهي. هن چيو ته آمريڪي ٽرمپ پنهنجي پئسي سان سياست ڪئي جڏهن ته پاڪستاني ٽرمپ عطين ۽ فلاحي پئسو سياست ۾ استعمال ڪيو. ناصر شاهه چيو ته دنيا ۾ ٽي ٽرمپ پيدا ٿيا هڪ آمريڪا ۾، ٻيو پاڪستان ۾ عمران جي شڪل ۾ ۽ ٽيون ڀارت ۾ مودي جي شڪل ۾. ٽنهي ٽرمپن نفرت، ڏاڍ ۽ ڪوڙ تي ٻڌل سياست ڪئي جنهن جو خاتمو ٿي چڪو آهي. هن چيو ته آمريڪي ٽرمپ هل اسٽيشن تباهه ڪيس. پارٽي ٽرمپ بابري مسجد تباهه ڪئي ۽ پاڪستاني ٽرمپ پي ٽي وي کي تباهه ڪيس.

بقايا 23 *

ڊي بي رپورٽ موجب خطي ۾ سريلنڪا 24.4 سيڪڙو سان مهانگائي جي حوالي سان ٻئي جڏهن ته افغانستان 13.8 سيڪڙو سان ٽئين نمبر تي آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ چوٿون مهانگو ملڪ بنگلاديش آهي جتي مهانگائي جي شرح 8.7 سيڪڙو آهي. جڏهن ته ڀارت ۾ هلندڙ سال مهانگائي پنج سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته نيپال ۾ مهانگائي 7.4 سيڪڙو ڀوٽان ۾ 5.5 سيڪڙو ۽ مالديپ ۾ 4.5 سيڪڙو رهندي. ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان ۾ معاشي شرح 0.6 سيڪڙو رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي آهي. واضح رهي ته ناڻي واري وزارت ماهوار اڪنامڪ اپڊيٽ آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ به روپئي جي قيمت ۾ گهٽتائي ۽ مهانگي پيٽروليم شين سبب ملڪ ۾ مهانگائي وڌيڪ رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. رپورٽ موجب فيبروري 2023 ۾ مهانگائي 31.25 سيڪڙو رهندي جنهن سبب مهانگائي ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي. هفتيوار مهانگائي اڳ ئي 46 سيڪڙو جي بلند ترين سطح تي پهچي چڪي آهي.

بقايا 24 *

ڪمشنر گلبرگ ۽ ضلعي آفيسر پڻ موجود هئا. صوبائي صلاحڪار انفرادي طور تي سمورن اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه چيڪ ڪيا ۽ ڪاڌي پيتي جي شين جي معيار کي به چيڪ ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ضلعي انتظاميا صوبائي صلاحڪار کي بچت بازار ۾ فراهم ٿيندڙ ڪاڌي پيتي جي شين بابت تفصيلي آگاهي ڏني ۽ صوبائي صلاحڪار کي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي ته هو عوام کي زندگي جون ضروري شيون گهٽ قيمت تي فراهم ڪري، قيمتون گهٽ ڪرڻ ضلعي انتظاميا ٻهرين ترجيح تي مڪمل ڪرڻ لاءِ، قدم کنئي رهي آهي. ان موقعي تي صوبائي صلاحڪار عوام سان ڳالهيون ڪري سندن ردعمل معلوم ڪيو جنهن تي عوام سنڌ حڪومت جي عوام دوست قدمن کي ساراهيو. صوبائي صلاحڪار چيو ته شيون وڌيڪ اگهن تي وڪرو ۽ ذخيره اندوزي کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان بچت بازارن ۽ مارڪيٽن ۾ انسپيڪشن ڪندا رهنداسين ۽ سنڌ حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. ٻئي پاسي سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي ۽ رليف بابت صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو چيو آهي ته انساني جانين جي بچاءَ لاءِ سماج جي هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته انساني جانيون بچائڻ انسانيت جي خدمت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ريسڪيو 1122 جي سيڪنڊ بيچ جي تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو. صوبائي صلاحڪار ريسڪيو اهلڪارن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هنگامي حالتن ۾ انساني جانين کي بچائڻ لاءِ اوهان جنهن طريقي سان پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪرڻ جي بغير پنهنجي ڪم کي سرانجام ڏيندا آهيو اهو جذبو توهان جو ساراهه جوڳو عمل آهي ۽ قدرتي آفتن جي بعد پيدا ٿيندڙ صورتحال ۾ ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ جيڪي قدم کنيا پيا وڃن انهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. صوبائي صلاحڪار ريسڪيو هيڊ ڪوارٽر 1122 ۾ ريسڪيو آپريشن جي حوالي سان بروقت کنيل قدمن جو جائزو ورتو ۽ ان موقعي تي ڊائريڪٽر ريسڪيو 1122 عابد جلال الدين شيخ صوبائي صلاحڪار کي ريسڪيو آپريشن بابت بريفنگ ڏني. ريسڪيو 1122 جي سيڪنڊ بيچ جي تقريب ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ پرڪالي ڪاتي سلمان شاهه، پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر زهرا شاهه، اسلم لغاري ۽ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ايس ايف اي آر پي بشارت حسين پڻ موجود هئا.

بقايا 25 *

هينئر تائين جي صورتحال کي ڏسندي ڪراچي پوليس چيف کي تبديل ڪيو پيو وڃي. سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري 14هين سحري لاءِ سمن آباد پهتو جتي عوام سندس ڀرپور آجيان ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي گورنر چيو ته مسئلن جي سڃاڻي جي خبر آهي پر ڪير به عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، 75 سالن ۾ ڪنهن کي ڪم جي بنياد تي ووٽ گهرندي نه ڏٺو ويو آهي. هن چيو ته هو پهريون ماڻهو آهي جنهن اقتدار ۾ اچي هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ 50 لک گهر ڏيڻ جو اعلان ڪيو پر هن پنهنجو واعدو پورو نه ڪيو. گورنر سنڌ چيو ته شهر ۽ صوبي جو سڀ کان وڏو مسئلو اسٽريٽ ڪرائم آهي، ان تي ضابطو آڻينداسين. ان کي تبديل ڪيو وڃي. ڪامران ٽيسوري وڌيڪ چيو ته ايم ڊي سوئي گيس سان مون وٽ اچي رهيو آهي. مون ايم ڊي سوئي گيس ڪمپني کي چيو آهي ته جتي گئس بند ڪرڻي آهي اتي گئس بند ڪئي وڃي پر گهرن تائين گئس اچڻ گهرجي. هن وقت تائين 12 هزار جمع ڪرايا آهن. گيس جا بل اڳ ۾ ئي ڪي اليڪٽرڪ کي به چيو ويو آهي ته بجلي جي فراهمي جو مسئلو حل ڪيو وڃي. سنڌ جي گورنر چيو ته هاڻي رڳو افطار ۽ سحري لاءِ نه پر سڄو سال گورنر هائوس عوام لاءِ کليل هوندو. سڀاڻي کان اسان وٽ سحري جا پيڪيٽ به هوندا. مستحقن ۾ گهرن ۾ سحري به ورهائينداسين. عوام کي خطاب ڪندي هن چيو ته ڪنهن کي به ڪو مسئلو هجي ته سوشل ميڊيا تي يا 1366 تي فون ڪري.

بقايا 26 *

ريڊ لائن بس منصوبي جي تعميرات دوران پاڻي جي متاثر لائينن جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪري ورتو. ترجمان واٽر بورڊ موجب سي اي او واٽر بورڊ جي هدايتن تحت واٽر بورڊ اختيارين پاران پاڻي جي متاثر ٿيل لائينن جي مرمت جو ڪم هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪري متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي شروع ڪري ڇڏي، ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جي خدمتن کي ساراهيندي ۽ کين شاباس ڏيندي چيو ته چيف انجنيئر بلڪ سڪندر زرداري، ايس اي محمد رياض، ايگزيڪيوٽو انجنيئر احسان الله شيخ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر عمران عبدالله سميت سمورا آفيسر ۽ ملازم ساراهه جا مستحق آهن جو ته هنن سڀني جي ڏينهن رات محنت جي ڪري متاثر لائينن جي مرمت جو ڪم مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪري ورتو. هن چيو ته ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته اسان مستقبل ۾ ڪنهن به ليڪيج کان بچڻ لاءِ ان جو مستقل حل ڳولينداسين. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي معمول موجب جاري آهي.

بقايا 27 *

طلب ڪري ورتا آهن ذريعن موجب اوگرا آئل ڪمپنين کان 6 مهينن جا تفصيل طلب ڪري ورتا آهن ۽ آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين کي 2 هفتن اندر نقصان جا تفصيل جمع ڪرائڻ جو چيو ويو آهي. ذريعن موجب اوگرا چيو آهي ته ڪمپنين جي درآمدي قيمت کي عالمي سطح تي تيل جي قيمتن سان مقابلو ڪيو وڃي ۽ ڪمپنيون نقصان کان بچڻ لاءِ حڪومتي پاليسي موجب درآمد کي يقيني بڻائين.

بقايا 28 *

حديد جو دورو ڪيو ۽ ڪاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۽ معيار جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير پاران بچت بازار جو انعقاد عوام کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ آهي. سياسي ڇڪتاڻ دوران وڌندڙ مهانگائي عوام جي چيلهه ٽوڙي ڇڏي آهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي پنهنجي منشور موجب عوام کي هر ممڪن رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته بچت بازارن ۾ نه رڳو سستي شيون وڪرو ٿي رهيون آهن پر انهن جي معيار کي به مانيٽر ڪيو پيو وڃي ته جيئن ماڻهن کي سستي ۽ معياري شيون ملي سگهن. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسر به ساڻس گڏ هئا. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي ضروري شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن جيڪي سستي بازارن ۾ دستياب ناهن.

بقايا 29 *

منصوبابندي، نيسپاڪ ۽ ٻي اهلڪار شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ ڊي جي پنجاب سائنس فارنزڪ ليبارٽري پڻ خاص طور شرڪت ڪئي. اجلاس جي صدارت ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته ڪراچي ۾ 30 ايڪڙ زمين تي سائنس فرانزڪ ليبارٽري ناهي پئي وڃي. ليبارٽري جي بلڊنگ جو 22 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي. سائنس فرانزڪ ليبارٽري مئي 2025 تائين مڪمل ٿي ويندي. سنڌ حڪومت هلندڙ مالي سال ۾ ليبارٽري لاءِ سمورا فنڊ فراهم ڪري ڇڏيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ليب جي قيام کان پوءِ ڪمپيوٽر فارنزڪ کي آڊيو ويزوئل انالائيسز، ڪمپيوٽر فرانزڪ، ڪرائم سين ۽ ڊيڪس سين جي جاچ، ڊي اين اي ۽ سيرولوجي، فرانزڪ فوٽوگرافي، نارڪوٽڪس، ٽاڪس يڪالوجي، ٽريس ڪيمسٽري، پولي گراف، فائر آرمس ۽ اوزار لاءِ استعمال ڪيو ويندو نشان، لڪيٽ فنگر پرنٽس، پيٿالاجي، ڊاڪيومينٽيشن ۽ ايڪسپلوسيو ليب جون سهولتون موجود هونديون. ليبارٽري جي قيام سان قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي جاچ ۾ مدد ملندي. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت وڌيڪ چيو ته سائنس فارنزڪ ليبارٽري لاءِ ايندڙ سال کان ڀرتيون ڪيون وينديون. ڊائريڪٽر جنرل سائنس فارنزڪ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ڀرتي ڪئي ويندي، سمورن عملي کي عالمي درجي جي تربيت ڏني ويندي.

بقايا 30 *

ربين جي آڊٽ رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ڪيل آڊٽ رپورٽ موجب متاثرن جي ناليءَ تي راشن جا ٿيلها ۽ ٻيو سامان مهانگي اگهه تي خريد ڪيو ويو. آڊٽ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڻي ڪڍڻ لاءِ جيٽرين مشينن جو بلن ۾ ذڪر آهي اوٿريون ضلعن ۾ نه پهتيون.

بقايا سنڌيار 01

سيا جي ڏنل مرڪزي سڏ تي محرابپور ۾ بہ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڪامريڊ انسر سنڌي، رافع موجائي، ناظر سنڌي، دانش موجائي، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد اڳواڻن کي بيگناهه گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو آهي. اڄ ان عمل خلاف شاگردن پاران سنڌ ۾ مظاهرا ڪيا پيا وڃن. اسان اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ گرفتار ڪيل شاگرد اڳواڻ آزاد ڪري ڪوڙا ڪيس داخل خارج ڪيا وڃن ۽ يونيورسٽي مان فورسز کي هٽايو وڃي. يونيورسٽيون درسگاهون آهن جتي شاگرد علم حاصل ڪن ٿا. شاگردن مٿان تشدد ۽ بنا جواز گرفتاريون بند ڪيون وڃن بي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 02

مانيٽرنگ آفيسر فيصل گل الاهي پاران احتجاج ڪندڙ اميدوارن کي ڊيڄارڻ لاءِ پوليس کي طلب ڪري ورتو ۽ پوليس ميل ۽ فيميل اميدوار جيڪي روزي ۾ هئا انهن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اميدوارن جي مزاحمت تي پوليس واپس هلي وئي ۽ اميدوارن جي ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي بعد ۾ مظاهرين ريلي جي صورت ۾ پريس ڪلب پهتا جتي تعليمي عملدار فيصل گل الاهي خلاف نعريبازي ڪئي اميدوارن جو چوڻ هو تہ اسان کي تعليمي اختيارين گذريل 4مهينن کان پنهنجن آفيسن ۾ فائيل جمع ڪرائڻ جي بهاني گهرائي وري واپس ڪيو پيو وڃي ۽ 4 مهينن کان مسلسل رُلايو پيو وڃي اسان چار ڀيرا مختلف وقتن تي پنهنجا دستاويزي ثبوت پيش ڪيا آهن ميرٽ تي نوڪريون ڏئي پيدا ٿيل بي چيني ختم ڪئي وڃي ۽ اسان کي آفر آرڊر ڏنا وڃن

بقايا سنڌيار 03

ڪنڊڙ پوليس اهلڪار نعمت الله شيخ جي ڀاءُ سيف الله شيخ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ مسلسل بدلين جي آزار سبب ڀاءُ سخت ذهني دٻاءُ جو شڪار هيو جنهن سبب هن خودڪشي جهڙو انتهائي قدم کنيو هن چيو تہ ايس ايس ملير جي آفيس اندر پوليس اهلڪارن بدلين ۽ مقررين جا پئسا ورتس وڃن ٿا هن وڌيڪ چيو تہ ايس ايس پي ملير آفيس جي عملدارن منهنجي ڀاءُ جي بدلي ڪري ان کي ڳڏاب رکيو ويو جتان وري بدلي ڪري ان کي سي پيڪ هيڊڪوارٽر اتان وري بدلي ڪري سکرآن بعد وري ڪراچي فيروزآباد ٿاڻي مقرر ڪيو ويو هن چيو تہ منهنجي ڀاءُ جي خودڪشي جا ذميوار ايس ايس پي آفيس ملير جا عملدار آهن هن آءِ جي سنڌ کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 04

حنيف جتوئي، ابراهيم ڏيٿو محمد بخش ملاح، اياز پرهياڙ ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ سوين ماڻهن ڏڙو ڪانڌڙا روڊ تي خاصخيلي برادري جي ماڻهن خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو تہ خاصخيلي برادري جي ڪجهہ ماڻهن علائقي ۾ قبائلي خونريزي ڪرائڻ لاءِ اسان جي گهرن تي هٿرادو فائرنگ ڪري اسان خلاف ڪوڙو ڊرامون رچايو آهي، هنن چيو تہ خاصخيلي برادري جي صديق خاصخيلي، غلام مصطفي، عمر خاصخيلي، پوڙهو خاصخيلي ۽ ٻين ڪجهہ ڏينهن اڳ اسانجي وڏي ڀاءُ حسين پرهياڙ تي ڏڙو ۾ خوني حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪيو هو جنهن جي رپورٽ ڏڙو ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي، پر پوليس ڪو ايڪشن کڻڻ لاءِ تيار ناهي. هنن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي سجاول ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو تہ خدارا امڪاني رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ جانچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 05

تي ڏينهن بہ مسئلا حل نہ ٿيڻ ۽ ڪمپني جي ناانصافين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن ڏانهيندي چيو تہ ٽرڪول ۽ ملڪي ترقي خاطر سڀ کان اول اسان قرباني ڏيئي پنهنجو ڳوٺ زمينون سڀ ڪجهہ ختم ڪيو اڄ اينگرو ڪمپني جا مفاد پورا ٿيڻ ڪانپوءِ اسان کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي اسان جا جائز مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن هتي سڀ ڌاريا ۽ ٻاهر جا ماڻهو روزگار ۽ ٺيڪا کڻي رهيا آهن ۽ مقامي ماڻهن کي مزدوري بہ نٿي ڏني وڃي اسان کي رڳو نالي جو ماڊل ولبيج ناهي ڏنو ويو آهي پر اتي ڪي بہ سهولتون ناهن گهر ناقص ميٽريل سبب هينئر ٽٽي تباهہ ٿي ويا آهن هنن چيو تہ اسان جي احتجاج ڪانپوءِ ڪمپني عملدار فرحان انصاري ۽ قذافي سميجو اسان وٽ آيا هئا اسان سمورا جائز مسئلا آڏو رکيا هنن ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ چيو تہ اسان اوهان جا مسئلا سي او وٽ کڻي وڃون اوهان جا جائز مطالبا حل ڪنداسين متاثرين موجب ڪمپني عملدار رڳو ڳالهيون ڪن ٿا پر مسئلا حل نٿا ڪن ان ڪري اسان جو احتجاج مسلسل جاري رهندو ۽ 8 اپريل تي سائيٽ آفيس وٽ ڌرڻو هنيو ويندو انهي بابت اسان انتظاميہ کي اڳواٽ آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 06

ڊاڪٽر جي مبينا غفلت سبب رڳ ڪٽجڻ جي نتيجي ۾ رت نہ بيهڻ سبب بي هوش ٿي ويو جنهن کي وارثن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي فوت ٿي ويو جنهن جي اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سوڳ ۾ شهر پڻ بند ٿي ويو فوتي جي ڀاءُ اعجاز حسين ميمڻ سٿوت حاجي سليم ميمڻ سخت احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ حيدرآباد جي نجي اسپتال جي ڊاڪٽر جي غفلت سبب تلي جي آپريشن دوران رڳ ڪٽجي وئي جنهن سبب رت نہ بيهي سگهيو جنهن کي ڪراچي ڪٺائي پهتاسين تہ فوت ٿي ويو هنن مطالبو ڪيو تہ غفلت ڪندڙ ڊاڪٽر خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي فوتي ديدار حسين ميمڻ سماجي ڪمن غريب مسڪين بي پهچ ماڻهن جي مدد سياسي ثقافتي سرگرمين سبب علائقي ۾ ڄاتو سڃاتو ويندڙ هو ڪجهہ وقت اڳ شاهہ اويس آرٽ سرڪل طرفان سماجي خدمتن جو ايوارڊ پڻ ڏنو ويو هو هوڏانهن فوتي سماجي ورڪر ديدار ميمڻ جي هاءِ اسڪول ماڻجهند ۾ جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ شاهہ حيدر ايجوڪيشن سوسائٽي جي سربراهہ ڊاڪٽر سيد ضياءُ شاهہ ايس يو پي ڊويزنل صدر حيدرآباد خدا بخش ٽيبو تعلقہ صدر علي نواز ڪنير محمد ملوڪ ٽيبو انور مگسي صحافين يوسف عمراڻي گلزار علي ملاح ابوبڪر ڪوسو يعقوب ڪوريجو سميت وڏي انگ ۾ شهرين علائقي واسين شرڪت ڪئي جنهن بعد مڙهہ کي درگاهہ حضرت شاهہ اويس قرني جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 07

پارڪنگ هٽائڻ ۾ ناڪام، شهر جي سونهن متاثر ٿيڻ لڳي،عوام جو پنڌ هلڻ مشڪل ٿي ويو. خبر موجب سرحد شهر ۾ ناجائز حدخلين جو آزار نہ گهٽيو ضلعي انتظاميا ٽوڙي يوسي سيڪريٽري جي ڪاروائي ڪرڻ کان ڪن لاٽار شهرين جو پنڌ هلڻ بہ مشڪل ٿي ويو آهي گذريل ڪافي ارسي کان وٺي قبضا مافيائن پاران حدخلين ڄاڻائي مختلف طريقن سان اڏاوتون ناهڻ جو سلسلو جاري آهي ضلعي انتظاميا کي بار بار چوڻ باوجود بہ ڪوٽيل نہ نڪتو جڏهن تہ شهر ۾ ناجائز حدخلين سبب دڪاندارن پاران روڊن تي مختلف سامان بجرا، ريتي، پٿر رکي رستا سوڙها ڪري ڇڏيا آهن جڏهن تہ عوام جو پيادل هلڻ شهر ۾ مشڪل بڻجي ويو آهي.ان موقعي تي سماجي اڳواڻ فقير نواب لکڻ، ثناءُ سومرو،اعجاز احمد پٽي صحافين کي ٻڌايو تہ سرحد شهر ۾ قانون نالي ڪا شئي ناهي. جنهن سبب شهر ۾ حدخلين آزار وڏي ويو آهي.مافيائن پاران مين چونڪ بس اسٽاپ تي ريڙهيون، رڪشا، صندل بيهاري عام ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ. دڪاندارن هٽ رادو روڊن تي سامان رکي مختلف شئن جا اسٽال لڳائي ڇڏيا آهن جنهن سبب عام ماڻهو کي خريداري ڪرڻ لاءِ رستو نٿو اسان انتظاميہ کي چوڻ باوجود ڪابہ اثرائتي ڪارروائي نہ ڪري سگهي آهي هنن اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي کان فوري حدخلين هٽائڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 08

گهر پهچندي ڪهرام مچي ويو بي طرف آخري اطلاعن موجب واقعي جو ڪو ڪيس وغيره داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا سنڌيار 09

جي حد ۾ مڪلي جي درگاهہ مخدوم آدم وٽان مڪلي واسي نوجوان غلام محمد ڪنبار جي چانتا موٽر سائيڪل کي نامعلوم چور چوري ڪري ويا. ٻئي طرف سول اسپتال مڪلي مان چنوچند واسي نظام عباسي جي ڪي نامعلوم چور موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا. ٻئي طرف مڪلي هاشم آباد ڪالوني جي رهواسي پوليس اهلڪار غفار پليجو جي موٽر سائيڪل سندس گهر اڳيان نامعلوم چور چوري ڪري ويا. هوڏانهن مڪلي فٽبال گرائونڊ مان عبدالرحيم ميرجت جي موٽر سائيڪل کي نامعلوم چور چوري ڪري ويا. ٻئي طرف گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول مڪلي مان ڪي نامعلوم چور بجلي جون قيمتي تارون چوري ڪري ويا، ٺٽو ۽ مڪلي ٿاڻن تي رپورٽون درج ڪرائڻ باوجود پوليس اڃان تائين ڪابہ ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي. ٺٽو ۽ مڪلي واسين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي تہ فورن ڏوهارين خلاف سخت ڪاروائي ڪري چوري ٿيل سمورين موٽر سائيڪلون واپس ڪرائي مالڪن حوالي ڪري چورن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. جيئن آئنده شهري نقصان کان بچي سگهن.

بقايا سنڌيار 10

اڳواڻ مولانا همت علي چانڊيو حافظ عبدالحليم چانڊيو حافظ جاويد احمد بروهي، طرفان تعلقہ پريس ڪلب واره تي پريس ڪانفرنس. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ رمضان المبارڪ جو ڀلارو مهينو مسلمانن لاءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿو پر افسوس جو هڪ اسلامي رياست ۾ انتظاميہ جي لاپرواهي ۽ رشوت خوري سبب هن ڀلاري مهيني جو تقدس پائمال ٿي رهيو آهي شهر ۾ هر کائڻ پيئڻ جي شيءِ سرعام وڪرو ٿي رهي آهي هنن ايس ايس پي قمبر، ڊي سي قمبر کان گهر ڪندي مطالبو ڪيو تہ رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائي رمضان المبارڪ جو تقدس بحال ڪيو وڃي وڌيڪ هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ اگر انتظاميہ رمضان آرڊيننس تي عمل نہ ڪرائي تہ احتجاج جي ڪال ڏني ويندي

بقايا سنڌيار 11

جي سيڪريٽري سنڌ راجہ خرم شهزاد سميت ڊي آيف سي جامشورو فوڊ دلشاد سومرو، تعلقي اندر ڪڻڪ جو حدف پورو ڪرڻ لاءِ ذخيرا اندوزن تي وڌيڪ ڪاروائي ڪندي.

بقايا سنڌيار 12

محمد ملاح، امجد علي ڪوسو سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي. سيتا سرجڻهار فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلويز اختيارين پاران ٽرانسپورٽ مافيا جي ڳٽ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل گاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 13

عيوض ناجائز اضافي ذريعي لکين روپين جي گهوٻين جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن جو سيڪريٽري فنانس ساجد جمال ابڙو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس بدين ۾ پينشن برانچ جي اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ شاهنواز ٻوڪ کي معطل ڪري ڪيس فنانس ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۾ رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو آهي ان ڏس ۾ ذريعن کان معلوم ٿيو آهي تہ منتقلي ڊي سي ايس(سنڌو سنٽون پينشنن جي اڪائونٽ ۾ رقم موڪلڻ) ۾ گهوٻين توڙي پينشنرن جي آن لائن رڪارڊ ۾ وڏي ٻٺماني تي غلطين بعد مختلف ڪمرشل بئنڪن ذريعي پينشن وصول ڪندڙ 30 کان مٿي پينشنرن جي مارچ جي پينشن روڪي وئي آهي جڏهن تہ پينشن رولز جي ابتڙ وڌيڪ پينشن ڪنندڙ پينشنرن کان رقم جي اوڳاڙي پڻ ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 14

پيرامڊيڪل اسٽاف جي اڳواڻن سميت سياسي،سماجي ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اعجاز مميائي لالا موسيٰ خان.تنگر خان لاشاري قاضي لياقت، سيد شهاب الدين شاهہ.علي نواز سولنگي ۽ ٻين چيو تہ موت برحق آهي جنهن کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي الله سائينءَ جيڪا بہ شيءِ خلق ڪئي آهي ان کي هرحال ۾ ختم ٿيڻو آهي بس انسان هن دنيا ۾ مسافر آهي ۽ پنهنجو سفر پورو ڪري ٻي منزل تي وڃي ٿو انڪري انسان کي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪو سدائين يادگار رهي اڳواڻن مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري ۽ پوئٽين کي صبر جي تلقين ڪئي

